Bha



گیتانجلی

92

With Compliments from

VIJAY

Bakelite Trading Co

Manufacturers of :

Capes & Stoppers, Plastic Bakelite And Rubbe

Office : 8, Chakla Stre·t, BOMBAY-3.

Factory : 51. Industrial Area, ULHASNAGAR-4.

Cable : BESTCAP **Off. 320381 (2 lines)**

Phones : Fac 429

Resi. 155



سرڳواسي ڪاڇومل بدلداس اڇڙا

جي پوتر ياد هميشه رهندي

KACHHAMAL BADALDAS

TRANSPORT CONTRACTORS

Section 17, ULHASNAGAR-3. (Dist. Thana)

Phone Office: 96 Residence : 558

With Compliments from

always insist on

HOMA

PRESSURE COOKER

HOMA
Range

Oven, Water. Filter, Door Chime
Gas lighter, Massager, Gayser &
Voltage Stabilizer

Rattan Electricals

560, Narayan Peth, N. C. Kelkar Road,

Poona-411030 Phone; 53100

With Best Compliments From

Bombay Telephone : 216396 Phone : Off : 170 Res: 403

J. C. Chandnani

Approved Government Contractors

Flat No. 112, Dial Mahal, Dalamal Park, 228, Cuffe Parade Rd.
Colaba, BOMBAY-5
Bk, No. 277/1, ULHASNAGAR-2 (Maharashtra)

WITH BEST COMPLIMENTS FROM:

Dunichand T. Kalani

GIRISH WINES

ULHASNAGAR 2

Phone : 309

DISTRIBUTORS FOR FAMOUS SHAW WALLACE

I. M. F. LIQUOR PRODUCTS & HAYWARDS BEER

With best compliments from :

ROHRA

For

Sales Tax-Income Tax

Central Excise & Society Accounts

Office :

Laxmi Market. 1st Floor, ULHASNAGAR-3.

With compliments from:

G. C. W.

Girdhar Confectionery Works

EXTRA STRONG AND SWEETS

Manufacturers of :

Proprietor : GIRDHARLAL SHEWAKRAM

ULHASNAGAR-2. (Maharashtra)

With compliments from:

Tel. Off ; 185

M/s. B. B. Kalani

Dealers in :

QUALITY WINES

Sole Selling Agent for

M/s. Mohan Meakin Breweries Ltd.

For THANA & NASIK

Address : Near Kalani Mahal, Ulhasnagar-2
Shop No. 678, Ulhasnagar-2

With best compliments from :

Telephone : Off : 1012 Resi. : 615

M/s. Shankar

Mahadev &Co.

BUILDERS & CONTRACTORS

Section 17, Ulhasnagar-3.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM:

Bacho. B. Rupchandani

L.I.C. & G.I.C. Agent

Phone : Off : 658 Res : 577

Prop : **Jai Shankar Automobiles**

Sec. 17, Kalyan-Ambarnath Road, ULHASNAGAR-3.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM:

Asha Soap Factory

Opp. Salvi Bunglow, Ulhasnagar-3.

Phone : Fac. 118 Resi : 203

With Best Compliments From

WELL WISHER

ڀارت جو آئينده
توهان تي مدار رکي ٿو
اُٿو جاڳو ۽ نه ترسو.
جيستائين پنهنجي منزل مقصود تي نه رسيا آهيو !

SPACE DONATED BY

WEL WISHER

آهوجا ڪلاٿ اسٽور

جتي گواليار جي شرٽنگ ۽ سوٽنگ ملي ٿي

دڪان نمبر ١٥٠، الهاس نگر - ٢. فون نمبر 871

گجانند مارڪيٽ — الهاس نگر - ٢.

نهرو چوڪ جي پرسان وڏي ٿي ماڙن واري شاهي بلڊنگ.
هن مارڪيٽ ۾ موجوده زماني جون سڀ سهوليتون موجود آهن.
گجانند مارڪيٽ - نهرو چوڪ، الهاس نگر ٢

جنهن زندگيءَ ۾ قربان ٿي
خدمت نه ڪئي.
اها زندگي اجائي آهي.
جنهن ڌن مان ڪو ڪارج نه ٿيو.
اهو ڌن ۾ اجايو آهي.

سرڳواسي رام . بي . هوڙواڻي

B-8(176

GOPE SIDHWA, B.A., S.T.C., DMIE.
Special Executive Magistrate,
14/158, Govt. Colony,
KHAR, BOMBAY-400 052.

سنڌي ٽائيمس

گيتانجلي

ساليانو پرچو

●

(چيٽي چنڊ ١٩٧٦ جي موقعي تي)

●

مکيه سمپادڪ :-

نارائڻ ڀارتي

●

بمبئي آفيس :-

٥٧، اگياري لين،

فورٽ، بمبئي - ١

●

الهاس نگر آفيس :-

٩٠، لڪشمي مارڪيٽ،

الهاسنگر - ٣

قيمت پنج روپيه

With Compliments from

A

WEL-WISHER

ارپڻ

پتا جن سرڳواسي ديوان سلامتراءِ واڌومل
رالسنگهاڻيءَ کي
جنهن امر جيون جڳائي هن جڳ ۾
جڳمڳ ڪيو

۽

پتا سمان ڪاڪا جن سرڳواسي ديوان
السرداس واڌومل رالسنگهاڻيءَ کي
جنهن ودّيا سکيا جي چاهه سان هن
ڪڙيءَ رسايو.

الواد ڪ

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

جا ڇپايل ڪتاب

١.	ڍري لوڪ گيت مهتمم:- نارائڻ ڀارتي		ٽي روپيا
٢.	جهرڪيل جيءَ (غزل)	ايم. ڪمل	ٽي روپيا
٣.	سنڌي لوڪ ساهتيه	نارائڻ ڀارتي	پنج روپيا
٤.	فنڪار ۽ فيلسوف	موهن ڪلپنا	ٽي روپيا
٥.	شاهه جو شعر	ڊاڪٽر ٻ-و گدواڻي	پنج روپيا
٦.	سنڌ ۽ سنڌي ٻولي	نارائڻ ڀارتي	پنج روپيا
٧.	سنڌي لوڪ ڪلا	نارائڻ ڀارتي	ست روپيا
٨.	شرت بابو	نارائڻ ڀارتي	چار روپيا
٩.	نظر ۽ نظريه	نارائڻ ڀارتي	پنج روپيا
١٠.	سنڌ صدين کان	مهتمم نارائڻ ڀارتي	پنج روپيا
١١.	هڪڙو هو سوداگر	نارائڻ ڀارتي	ڇهه روپيا
١٢.	هو جمالو	نارائڻ ڀارتي	پنج روپيا
١٣.	گيتانجلي	انوادڪ: گوبندرام سائل	اٺ روپيا

GOPE SIDHWA, B.A., S.T.C., DMIE.,
Special Executive Magistrate,
14/158, Govt. Colony,
KHAR, BOMBAY-400 052.

● مهاڳ

شهرن ۽ ننڍن واسطي لوڪ ڳوٺن واسطي اڪثر چيو ويندو آهي ته سنڌين قدر خاص ڪري پنهنجن ديسن ۾ آستان لي مٽي ڪالهوءَ ٿيندو آهي. جيسين حياتي هوندا آهن ته ماڻهو هتي لي ننڍاپڻ ٻه ڪندا آهن . ٻر واپار ناسڪ ٽاگور ته ٻهڳي جهٽري ۽ ٻهڳي ملڪ ۾ اٿن ٻرجهو ويو چٽڪ هڪ اوتار هو. وچ ڪان گهٽو اڳ گرداو جي ٿالي سان سنڌس عرصه ٿي . منڌ ٿي منڌ ۾ سنڌس بنگال جي مشهور اديبڙو رامانند چٽرجيءَ ڪيس گهٽو ٻڌايو ۽ سنڌس جهڙي وڏي ۾ وڏو العام نوابل انعام ڪيس مليو. سنڌس ٿالي ٻليان منڍليون ۽ سهانون ڳڙهون ٿيون ۽ جيسي ڪڏهن ماڻهوءَ هن مجهان ڪو نقص ڪڍيو ته هن جي ٻر خلاف چٽڪ ڪفر جي فتوا صادر ٿي . وڏي ڳالهه ته هندستاني ٻولين ۾ ٿي سنڌس ڪوتا جا اڪيچار ترجما ٿيا ۽ سنڌين مجهه ۾ سنڌس ٻوجا ٿي. سرڳواسي ٻراسپال شهاڻيءَ سنڌس پستڪ گيتانجلي سمجهائڻ لاءِ ته خاص ڪلاس هفتيوار جاري ڪيو. وڏن وڏن سنڌين خاص ڪري لالچند امرڏني مل ۽ پروفيسر ملڪاڻيءَ سنڌس ڪتابن جا ترجما ڪيا جن ۾ خاص طور لفظ جهڙوڪ ساهيڙا پرڪهت ٿيا. اجا تائين سنڌين ۾ ٽاگور لاءِ عقيدت ميري آهي

انوادڪ جا ڇپيل لکيل پستڪ

١. "سنڌوءَ جون لهرون ۽ ڦولداني"
(نظمائي نثر ۾ رچنائون ۽ ڪوتائون)

٢. "آشا - ڪرڻ" (نظمائي نثر ۾ رچنائون)

٣. "ڀرواسن" ٽرانڪي مرهٽي ناٽڪ

٤. "ڀرواسي" ٽ فصلي سنڌي ناٽڪ (پريس ۾)

٥. "نرواسي" ٽرانڪي هندي ناٽڪ "

٦. "گيتانجلي" سنڌيءَ ۾ انواد

٧. منهنجا مشهور مقدما "

٨. ساجن ۽ سڄڻي (نديڙن نين ڪهاڻين جو ڪتاب) "

٩. الله - ڏنش (نظمائي نثر ۾ رچنائون) "

١٠. The Rotary Strings with
(In Press) Georgia U.S.A. Mirror.

اصل بنگالي لفظ جو هو رو ترجمو "ليلا" ڪري اندر آڻڻ وس جهڙي ورلو. گيتن هند سنواڻ ليو آهي ۽ تنهنڪري سندس ترجمي ۾ نواڻ، تازگي ۽ اصليت جي اها سڳنڌ آهي جا ترجمن مان اڪثر نه لڀندي آهي.

وڌي ڳالهه نه جي ترجمو ڪو لفظ ۾ ڪونه ٿيل آهي. ٽئگور جا بيشڪ مصرع گونبدوار واسڪهاڻي هر هر ۽ ڪيترن سالن کان انهي پڙهيا آهن ۽ ورق ورايا اٿس. جنهنڪري ٽئگور جا خيال ۽ شعر جهڙا سندس جيءَ سان جڙيا پيا آهن. پڙهندو آهي، ڪڙهندو به آهي ته تڙپندو به آهي. تنهن ڪري سندس ٻوليءَ ۾ عجيب اثر آهي. شاعر ڪوهي. هو شاعراڻي لوچ ۽ شاعراڻي ٻولي هن ۾ گهر ڪري ويا آهن. تنهن ڪري سندس ترجمو اندر ۾ ائين لڳو وڃي. لفظ سندس بلڪل عام ۽ رواجي آهن پر سندن اهڙي ترڪيب واري آهي. تنهنڪري دل ۾ پهچي ٿا ۽ ورڇي پڙهجي. دنيا ۾ سڀني ٻولين ۾ سرس آهي گرڪ ۽ عبراني ٻولين مان ترجمو ٿيل بائيبل جو انگريزيءَ ۾ ترجمو جنهن جي ساراهه انگريزيءَ جي پوريسرن به ڪئي آهي.

مان سمجهان ٿو ته هي ترجمو ٽوڙي ترجمي جو ترجمو آهي ته به پڙهندڙ کي ترجمي لڳندو ۽ هن جي اندر ۾ ڪيترا ۽ ڪيترائي جون جواهرن پيدا ڪندو. سنڌي ٻوليءَ ۾ هي ترجمو خاص اهميت ٿو رکي ۽ هرڪو ٽئگور جو شيدائي

جنهن جو موضوع اکين اڳيان آهي. پرنسپل سنڌي ليکڪ گوبندرام رائسنگهاڻي پڻ ٻه ترجما؛ پهنجي سرڳواسي ڪاڪي جي قلم مان ترجما شايع ڪيا آهن ۽ سنڌي پڙهندڙن کي ٽاگور جي سواد وٺائي اٿس.

هوليئن چوندا آهن ته ترجمي ۾ اصل ڪتاب جو مزاج ۽ سواد مري ٿو وڃي ۽ ڪتاب ڪوڪلولي رهجي ٿو وڃي. هڪ مشهور سنڌي ليکڪ چوندو هو ته ترجمي ٻوليءَ ۾ اصل ڪتاب جي ترجمو لکندو ته مزو ايندو ۽ باقي ٻين ترجمن ۾ لطف ڪونه رهندو. سرڳواسي پرمانند ميوارام جي ڪرسٽ جي پيروي ڪتاب ۽ سرڳواسي ٻرٻداس ٻيرومل جي ڪتاب سالڪ جي سفر مان ٻهڪ هڪ عجب آنند ٿو اچي. ٻين ترجمن ۾ اهو مزو ڇا لاءِ گهٽ آهي. پر ٽاگور جا ترجما ته وڏو ترجمو آهن پر ترجمن جو به ترجمو آهي.

ٽاگور بنگاليءَ مان گيتانجلي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، تنهن جو وري ٻيءَ هندستاني ٻولين ۾ الٿو يا ترجمو ٿيو آهي يعني هڪ اصل ڪتاب جو ترجمو تنهن جو وري ترجمو ٿيو آهي، تنهن ۾ اصليت ڪٿان اچي؟ تنهن هوندي به مسٽر گوبندرام رائسنگهاڻيءَ ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي ڇاڪاڻ بنگالي ڪانه ڄاڻي پر بنگالين سان گهڻو سنگ ڪيو اٿس ۽ تنهن ڪري سندس ترجمي ۾ اصليت جي خوشبوءِ آهي. ٽاگور لکيو "Such is thy pleasure" ته هن "Pleasure" جو

● انوادڪ ۽ پاڻ —

”گيتانجلي“ جڳ مشهور گرنٿ آهي ۽ گرديو روندرناٿ ٺاڪور جو مها ڪاوِيه آهي، جنهن جا دنيا ڀر جي گهڻن ئي ٻولين ۾ ترجما ٿي چڪا آهن. سنڌيءَ ۾ ٻه گهڻا سال اڳ ”گيتانجلي“ جا مدار ترجما بزرگ تجربيڪار ۽ آزمودگار سنڌي ساهتڪارن ڪيا هئا. ليڪن تنهن هوندي به منهنجي من ٿي ته مان ”گيتانجلي“ جو ترجمو پنهنجي نموني ۽ ڍنگ سان ڪريان، جنهن لاءِ ڪارڻ هئا: هڪ ته خود منهنجي ۽ منهنجي پتا سمان ڪاڪي سرڳواسي پرڀو اسرداس واڌومل رامسنگهاڻيءَ جي هڪ جهڙي سالن لاءِ گرديو ٺاڪور لاءِ شردا هئي ۽ ڪاڪا جن جي انواد ڪرڻ جي اڇا پرلوڪ پڌارڻ ڪري اڌوري اڌوري رهجي ويئي هئي ۽ اها اڇا پوريءَ طرح سڦل ڪرڻي هئي.

ٻيو ته هندستان جي ورهاڱي بعد زمانو ڪافي بدليو آهي ۽ سنڌي سماج جيون ۾ سماجڪ، آرٿڪ، ڌارمڪ، ساهتڪ ۽ سياسي الڳون پهلوئن ۾ تبديليون اچي آيل آهن. سڀني ساڻ وچار، آچار ۽ واڻي ورتاءُ ۾ به وڏو فرق آيل آهي. دل ۽ دماغ ئي ٻئي احساس جي حالتن ۽ واتاورڻ جو سنواڪ طور چڱو خاصو اثر پيو جڪو آهي. سنسڪار ۽ [illegible]

هن ملڪ جي ڪاهي ناٽڪ رهڻ ساڳي رکندو. مگر گوبندرام رائسنگهاڻي بلڪل نئون ڪارنامو آهي ۽ اگر اگر ڪي لوڙ ٿيڻ الس، تنهن لاءِ ڪيس همتري ڏنهرا ڏجي اوڙي ٿوري آهي.

— لالسنگهه اجواڻي

ڏياريءَ جو ڏينهن
تاريخ ٣-١١-١٩٧٥ع

پڙهي ويو آهي ته هند ۾ هنديءَ ۽ سنسڪرت جون لفظن
هولڊي ۽ ڪوشش ڪري "گيتانجلي" جو انواد ساديءَ
سنڌيءَ سولي سنڌيءَ ۾ ڪيو اٿم ۽ روزمره جي واهپي
واري سنڌي ٻوليءَ جي ٺيٺ حرف، جملا، چوڻيون، اصطلاح،
ٺهڪاءُ، محاورا وغيره، جي غائب ٿي رهيا آهن، انهن جو
سهڻيءَ طرح استعمال ڪري سنڌي انواد ۾ دائم قائم درج
ڪرڻ جو ڀال اٿن ڪيو اٿم. سنڌيءَ ۾ "گيتانجليءَ" جو
حرفي ۽ سادو انواد ڪندي، گرديو جي ڪلپنائن، امنگن
۽ ويچار ڌارائن کي نه سمجهڻ ۽ جهٽڻ ۽ پرگهٽ ڪرڻ جي
ڪوشش ڪئي اٿم ۽ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهيان، اهو
حرافي لاءِ لوڪ جو قدر پاڻهي ڪن.

باقي هڪ ڳالهه خاص طور ته منهنجو تعلق ادب، شردڌا
مريادا ۽ سعادتمنديءَ وارو وديارٿيءَ جهڙو جي لائي اڃا به
پنهنجي وديا گرو پرنسپال لالسنگهه اجواڻيءَ ۽ پروفيسر
منگهارام ملڪاڻيءَ سان آهي. چو ته منهنجو آهم وشواس آهي
ته اُستاد جهڙهه لاءِ استاد ئي آهي شاگرد ٺيٺ شاگرد ئي
ئي سگهندو پرائيندو.

اهڙيءَ ڀار ڀاونا ۾ وديا سکيا جي سڦلتا پرائڻي سمائل
آهي. "نرواڻيءَ" ته تصلي سڌي لائق لاءِ جڏهن پروفيسر
منگهارام ملڪاڻيءَ کي ونتي ڪئم ته ڦڙڪ جواب ڏنائين ته
"پالڪ ڏهرو ڏياري موڪليو ۽ امنگ آيو ته مهاڳ لکي

بدليل حالتن انوسار انسان جي حالتن، عادتن چلتن، ورتاءَ ۽
گفتار ۽ رفتار ۾ پڻ انتر آهن. تنهن ڪري ايتري سمي
گذرڻ بعد ٻه ٽي جهوني مهاڪاويه گرنٿ جي انواد ڪرڻ
جو مطلب ۽ مقصد آهي ته وري نين حالتن هيٺ سنڌي
چاهيندڙن کي هي گرنٿ جو انواد ذريعي ان جي رس ۽
لطف وٺائجي ۽ پنهنجي ساهت جي ساليانه اڃا به پوري ٿئي
پنهنجي مهاڪوي گرنٿ لاءِ شردا پڻ پرگهٽ ڪجي.

ٻالپڻ ۾ سرگواسي ڪاڪا جن جو هٿو، جو ٻڍي اوستا
۾ پورن پورو ڪري نه سگهيا. ڪي آزاد انواد ۾ "هندواسي"
۾ ڇپجي شايع ٿيا ۽ گهڻن ئي رچنائن ان جو ليل هيٺ
مٿي ئي ولون ۽ ڪي ڪاغذ ته ڦٽي پنا ٿي ٻرزا ٻرزا ٿي
ويا هئا. ليڪن اڄ ۽ پنهنجي گوڏي ئي رکي پرت ٻري پوري
ڪرڻ جو ساهس ساريم نه سهين ليڪن انڪيل ليکا خاڪي
جا ڪٿي ڏنل، نه ڪٿي ڪميل ڪڻ ۽ ڪسي ريا هئا. تنهنڪري،
خاڪي جا انهن وري ٿيڻ سر ٻري، ٿون جهر لکهو ٺيار
ڪري، ڪڻ ڪڻ سان ملائي، رنگ رنگن سان رلائي، هن
ننڍي ناقص ڪوشش ڪري ڪم ٺاهي راس ڪيو آهي، ۽
پالڪن کي شل وڻي ته جس ملم ۽ لاڀ سجايو ٿيم.

هندستان جي ورهاڱي بعد نئين نسل ۾ اصل اصلي
سنڌي ٻولي نه ته سنڌ ۾ اچي آهي ۽ نه وري هند ۾ ٿي
رهي آهي. سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي عربي فارسيءَ جو لاڳاپو

انڊيا ۾ آل انڊيا بي. اي. اين ڪميٽي وارن ١٩٧٥ واري ٣٠ انٽرنيشنل ٻي . اي . اين سيمينار وائيما (آسٽريليا) ۾ ڀاڱي عيوضي طور جوڙيل شرف ڏنو، جنهن لاءِ مان شخصي طرح ميڊم صوفيا واڌوا ۽ انگريزي ڪميونٽي ڪائونسل جو تهدل شڪرگذار آهيان. ان کان سواءِ هن پستڪ لاءِ خاص طور مهاڀڳ، لکڻ لاءِ ۽ ڊ. ڊ. ساهتڪار گذارن ۾ اتساهه ڏيارڻ، همٿائڻ ۽ قدرشناسيءَ لاءِ مان بزرگ، اُستادن، ماهر ساهتڪارن ۽ اديب دار صرافن پرنسيپال لالسنگهه اجواڻيءَ ۽ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو تهدل شڪرگذار آهيان جن پنهنجي ٻڍ اوستا ۽ ناساز صحت جو سالڪو نه ڪري به مهل سر مهمُوا ڪمولا عرض اگهايا آهن.

ٻنگالي ۽ اڙيا ٻئي سڀئون سوٽيلون ٻوليون آهن، ٻنگاليءَ کان سنڌي ٽرالي آهي. مان شڪرگذار آهيان ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي ليڊ موزاني شري اَ. ڪ. مکرجيءَ ۽ ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جي پروفيسر ٻي. ايم. داس چوڌريءَ ۽ ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ ايڊووڪيٽ شري ان. ڪي. سانوءَ جو جن آڪٽوبر ١٩٧٥ ۾ درگا پوڄا جي موڪلن ۾ پنهنجيءَ ۾ ٻنگالار ڪلاڪن جا ڪلاڪ ساڻدهه مولڪي "گيتانجلي" جي سنڌي الواد ڪارڻ ٻر لاڳاپي مدد ڪئي ۽ هارڊڪ ساٿ سهڪار ڏنو. اهي مٿر اصل ٻنگاليءَ ۾ "گيتانجليءَ" جون رچنائون پڙهي ٻڌائيندا هئا، انهن جو انگريزيءَ ۾ معنيٰ ۽ مطلب سمجهائيندا هئا. ۽ سنڌيءَ ۾ الواد ڪرڻ لاءِ گڏجاڻي جي

موڪليندس ته ته واپس ڪندس. خوشقسمتي منهنجي جو پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، جو ناٽڪ ۽ اعليٰ درجي جو ناٽڪ ڪار ڪردار ۽ اداڪار آهي، تنهن هڪ سهڻو، اصلاح ڏيندڙ ۽ قدر شناسيءَ وارو مهاڳ لکي ڏنو. ”پرواسي“ ناٽڪ سنڌيءَ ۾ نه ڇپجي رهيو آهي، ليڪن اهو ناٽڪ ”پرواسي“ جي سري سان مرهٽيءَ ۾ به ڇپجي ظاهر ٿي چڪو آهي ۽ هنديءَ ۾ ان الهيءَ جو انواد تيار ٿي ڇپجي شايع ٿي رهيو آهي.

ساڳيءَ طرح ”گيتانجلي“ جي سنڌي انواد لاءِ ٻڌ پرنسپال لالسنگهه اجواڻيءَ کي عرض ڪيم ته اهڙو نه ڪرڻ ۽ دلشڪست ڪندڙ جواب ڏنائون ته، ”اصل بنگالي گيتانجلي جو ترجمو انگريزيءَ ۾ ٿيل ۽ ان انگريزي ترجمي جو سنڌي ترجمو وري ڪهڙي جس وارو ۽ اڳ ئي ترجما ٿي چڪا آهن“ وغيره.

ليڪن مان نراس نه ٿي شاگرد جي اڪل ۽ استاد جي ماڻي جو ڏيان ڏري، مان پنهنجيءَ هيءَ مان ”گيتانجلي“ جون انواد ٿيل رچنائون ڏانهس ڏياري موڪليندو رهيس، ترجمي پڙهڻ بعد پرنسپال لالسنگهه اجواڻيءَ جي دل ۽ دماغ تي سٺو پرڀاو پيو جو انواد مان نه اصليت جو آنند ۽ لکڻيءَ جي نوع ۽ اوليءَ جي پلڪ جو رس مليس ۽ سو به ڏياريءَ جي ڏڻ ڏينهن تاريخ ۴ نومبر ۱۹۷۵ تي امنگن، اتساه ۽ همت افزائيءَ وارو مهاڳ لکي موڪلائين ۽ اهو پستڪ اڄ ڇپجي توهان اڳيان آهي.

وڃڻا کي سرو ڏنا ان. ليڪن گرداس جي اصل لکڻين ۾ ڪتاب تيار ڪرڻ ڪري نه رڳو گهٽتائي محسوس ٿيندي ليڪن اهو محسوس ٿيندو ته ان ۾ ڪي حرمتي لڳ. تنهنڪري مان اهو ٻوڙ لئي ڇڏي ڏئي ۽ ٻڌن جو ان لس لاءِ ٿو انداز هيش ڪهڙو آهي. مهنجو لاءِ سو پڙهندڙن جو لاءِ آهي، مان انهن سمجهندس.

هندستان جي ورهاڱي بعد ۲۸ سال لاڳيتو وڪالت جي ڌنڌي ۾ مشغول هوس ۽ هاڻي فارغ ٿيو آهيان. نه عمر وڌندڙ آهي ۽ حواس گهٽجندڙ آهن. گهڻو ٿڪ اڪيلائي ۾ جلاوطني ۾ رهي، پر نه نراڪيلائي ۾ نهٺائي ۾ رهي آرام ۽ ڪيترو آهيان ۽ شانت اڪانت ۾ لکڻ پڙهڻ جو ڪم ٻهڪ ڪيترو آهيان. پڙهندڙن کي جي مهنجو ڪوشش قبول آهي ته ٻهتو ملم ۽ ڪري ڪتاب. ڌنيواد.

بمبئي،
۱۴ آڪٽوبر ۱۹۷۵ع

گوبند رام سلامتراءِ رائسنگهاڻي
"سائل"
ايڊووڪيٽ، هاءِ ڪورٽ،

جي اصلي بنگالي ڀاوَ ڀاونائن سمجهڻ ۽ ترجمو ڪرڻ ۾ غلطين جا ڪيترا واقعا اهڙا ملندا هئا. مثال طور رچنا - ١ ۾ "such is thy pleasure" سٽ ۾ "pleasure" شبد جو بنگالي ۾ لفظ "ليلا" آهي جو مان انواد ۾ استعمال ڪيو آهي. رچنا ٣٥ ۾ انگريزيءَ ۾ ترجمو آهي :-
"He comes, comes, ever comes" ليڪن اصل بنگاليءَ ۾ "ever" لاءِ ڪو به لفظ ڪونهي. رچنا - ٥٤ ۾ وڻ جو نالو "ٻاٻلا" جنهن جو ٺيٺ انگريزيءَ ۾ نه لکيو ويو آهي ليڪن مان انواد ۾ "ٻٻر" لکيو آهي، جنهن کي بنگاليءَ ۾ "ٻاٻلا" ڪوٺيندا آهن. اهڙيءَ طرح اصليت جي خصلتن ۽ خاصيتن کي قائم رکڻ جي ڪارڻ ۾ منهنجي نهي بنگالي مترن جهڙا ڪڏهن مدد ۽ همت ڪئي، انهيءَ مان جانم نه ڪيتري نه هئي اڻ شرڌا ڪرڻو نائور لاءِ بنگالين کي ۽ انهيءَ صدقي ڪيتري نه هئي همدردي ۽ مترتا هئن تن بنگالي مترن جي مون سان. هن انواد ڪارڻ ڪارڻ ڪري جو ورتي نه انواد ٻڌڻي ٻڌائڻ لاءِ ڪلڪتي اچڻ لاءِ خاص ليمي ڏيئي ويا.

ٻاڻي هڪ ڳالهه جو نهي بنگالي سڄڻن و ورڻ ڪيو، جنهن مان واءِ ڏلـي ته "گيتانجلي" جون رچنائون لس لاڳيتون بيان سرن جي لکيل آهن نه بهتر ليمدو نه مان انواد ۾ شاعراڻي لوع ۽ پلڪ ۾ مضمون جي آڌار تي هر هڪ

(١)

توئي نه مونکي اننت ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي ئي رهي آهي تنهنجي ليلا.

وَر وَر ڪري هيءَ ڪچو گهڙو سکڻو ڪري، وري ڀرين ٿو اهيءَ کي سدائين نَوَ جيون سان.

هيءَ ننڍڙي بانس جي بانسري ڀاڙين ۽ ماٿرين مٿان کڻي رمندو رهيو آهين ۽ انهيءَ مان تو آلاپيا آهن امر نوان ترانا.

تنهنجي هٿن جي امر ڇهاءَ سان، منهنجي ننڍڙي دل آنند ۾ اچي، پنهنجو ٻاڻ ڀلائي ٿي ڇڏي ۽ نرماڻ ڪري ٿي خاموش واڻي.

تنهنجا بي انت ڏاڻ مونکي ملندا رهن ٿا، منهنجن هنن ننڍڙن هٿڙن ۾.

زمانو گذرندو ٿو وڃي ۽ سدائين تون ڀرپور ڏيندو ئي رهين ٿو.

پر تنهن هوندي به اڃا جڳهه رهيل هوندي آهي ڀرڻ لاءِ.

GOPE SIDHWA, B A., S. T. C., DMIE.
Special Executive Magistrate,
14/158 Govt. Colony,
KHAR, BOMBAY-400 052.

(٣)

مان نه سمجهي ٿي سگهان ته تـون ڳائين ته الائي ڪيئن ٿو، منهنجا مالڪ! سدائين مان شانت اچرج ۾ ٿي ڌيان ڏيئي پيو ٻڌندو آهيان.

تنهنجي سنگيت جو پرڪاش ساريءَ سرشٽيءَ کي روشن ٿو ڪري ڇڏي.

تنهنجي سنگيت جو جيون سواس آڪاسا آڪاس ٿو ڀڪوڙي وڃي. تنهنجي سنگيت جي پوتر جل ڌارا پٿرن جون رڪاوٽون پار ڪندي، اڳتي وڌندي رهي ٿي.

دل ۾ اڪير اٿم ته تنهنجي سنگيت ـ سنگم ۾ ڳايان، ليڪن لفظ لڙڪان ٿو سر آلاپ لاءِ، مان ڪوشش ٿو چاهيان، ليڪن منهنجي واڻي گيت ۾ بدلجي نٿي سگهي؛ مان وائڙو ٿي روئي ٿو وهان. او، تو منهنجي هردي کي پنهنجي سنگيت جي اڻت جاريءَ ۾ بانڌي ڪري رکيو آهي منهنجا ناٿ!

(٣)

جڏهن تون مونکي ڳائڻ لاءِ آڏيش ڏيندو آهين، تڏهن ائين ڀاسندو اٿم ته ڄڻ ڦاٽي ٿي منهنجي دل اهم وچان ٽٽي ۽ ۽ مان پيو تنهنجي چهري ڏانهن تڪيندو آهيان ۽ آنسون منهنجين اکين ۾ ٽڙي ايندا آهن.

اهو سڀ ڪجهه جو منهنجي جيون ۾ ڪشت ۽ ڪليش هوندو آهي، اهو موم ٿي پوندو آهي مڌر سر سنگم ۾ — ۽ منهنجي مگنتا اُڏامندڙ خوشگوار پکيئڙي جيان پنهنجا پر سمنڊ جي مٿان پکيڙي چلندي آهي.

ڄاڻان ٿو ته منهنجي سنگيت مان توکي راحت ٿي ملي.

ڄاڻ اٿم ته مان تنهنجي حضوريءَ ۾ صرف هڪ ڳائڪ ٿي ٿي ايندو آهيان.

مان صرف ڇهي سگهندو آهيان پنهنجي دور ڦهليل گيت جي پنک جي ڪنارڪسي تنهنجي چرڻن ۾، جتي پهچڻ جي مان ڪڏاچت ڪلپنا به نه پئي ڪري سگهو آهيان:

ڳائڻ جي آنند ڀريءَ مدهوشيءَ ۾ پاڻ کي وسري وڃان ٿو ۽ توکي ڪوٺيم مِت، جيتوڻيڪ تون آهين ته منهنجو سوامي.

(٥)

مان صرف هڪ گهڙي ساعت تنهنجي پاسي ۾ ويهڻ جي وڏيءَ - دل ڏکيا تو گهران. هٿ ۾ جو ڪم هاڻ اٿم، سو پوءِ ئي پورو ڪندس.

تنهنجي درشن - درشنيءَ کان دور ٿي، منهنجي مَن کي ناهي آرام ۽ نه سنتوش، ۽ منهنجو ڪاره ٿي ٿو پوي اڻاهه اڪت، هڪ ڪشٽ، ڪناري کان سواءِ ڪشٽ جو هڪ ساگر.

اڄ آيو آهي اونهارو منهنجي ڪُڙڪيءَ وٽ. آهون پريندو پڻ پڻ ڪندو ۽ ماکيءَ جون مکيون ٻر ڦرڪائي ڳائن ٿيون رمتو - سنگيت گلزار جهنگٽي جي دربار ۾.

هاڻي ويل ٿي آهي شانتيءَ ۾ ويهي رهڻ لاءِ، منهان منهن توسان هسن شانت ۽ ٻليتان پاٽ والدڪائيءَ ۾ جيون ارپڻ گيت ڳائڻ لاءِ.

(٤)

منهنجي پراڻن جا پراڻ، مان هميشہ پيو جتن ڪندس پنهنجي سرير کي پوتر رکڻ جي، اهو ڄاڻندي تہ تنهنجو سپرش سدائين منهنجي انگ انگ تي آهي.

مان هر طرح جتن ڪندس استيہ کي پنهنجن وچارن کان الڳ، دور رکڻ جي، اهو ڄاڻندي تہ تون اُهي ستيہ آهين جنهن منهنجي من اندر ٻڌيءَ جي جوت جڳائي آهي.

مان هر روز جتن ڪندس پنهنجي هردي مان وڪارن کي ڪڍڻ جي؛ پنهنجي پريم کي ڦول ٻڻائي رکڻ جي، اهو ڄاڻندي تہ تنهنجو آسڻ منهنجي هردي اندر اندرين مندر ۾ ئي آهي.

۽ اهو بہ منهنجو جتن چالو رهندو تہ توکي مان پنهنجن آچرڻن دواران پرگهٽ ڪريان، اهو ڄاڻندي تہ اها تنهنجي ئي شڪتي آهي جيڪا مونکي ڪاريہ ڪرم ڪرڻ لاءِ بل ٿي ڏئي.

(٧)

منهنجي گيت سجاوٽ ساري تياڳ ڪري ڇڏي آهي.
هن کي وڳس يا سينگار جو گهمنڊ ني ڪونهي.
زيور اسان جي ڳنڍجاڻيءَ ۾ رنڊڪ وجهندا.
تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ اهي رنڊڪ ٿي پوندا.
هنن جي جهنڪار تنهنجي ڪن جون ڳالهيون ٻڌڻ نه
نه ڏيندي.
منهنجي ڪويءَ جو اهنڪار تنهنجي سامهون شرمسار ٿي
ناس ٿي ٿو وڃي.
منهنجا ڪامل ڪوي، مان صرف تنهنجي چرڻن جي
اوٽ ۾ ويٺو آهيان.
صرف ڪرڻ ڏي مونکي پنهنجي زندگي سادي ۽
سڌي سوڌي.
بانس جي بانسريءَ وانگر، جنهن لاءِ تون ڦوڪي سگهين
الهيءَ ۾ سنگيت.

(٦)

ڇن هيءَ ننڍڙو گل ۽ کڻي وٺس، ولنب نه وجهه! انديشو اٿم ته متان مرجهائجي نه وڃي ۽ ڪري نه پوي پٽ ۾.

تنهنجي گل مالا ۾ پوءِ هن کي جاءِ ٿي شايد نه ملي ملي سگهي، ليڪن شرف ڏيس پنهنجي هٿ سان درد جي ڇهاءَ جو ۽ کڻي ڇنيس، انديشو اٿم ته پتي پوڻ کان اڳم ئي متان ڏينهن لهي نه وڃي ۽ ڀيٽ ڪرڻ جي ويل ئي وهامي وڃي.

جيتوڻيڪ هن جو رنگ گهاٽو ناهي ۽ هن جو واس جهيڻو آهي، هن جي پوڄا لاءِ هن گل کي ڪتب آڻ ۽ اڃا مهل آهي ته کڻي ڇن.

(٩)

اڙي مورک، تون ٿو ڪرين پنهنجو پاڻ کي پنهنجن ڪلهن تي کڻڻ لاءِ! اڙي مڱڻو، آيو آهين ڀکيا پنڻ پنهنجي ئي گهر جي اڳيان ئي!

سپرد ڪري ڇڏ پنهنجا سمورا بار هن جي هٿن ۾، جو کڻي ٿو سگهي؛ افسوس وچان ڪڏهن به پٺ ورائي نه ڏس.

تنهنجي اڇا هڪدم ديپ جي روشني اجهائي ٿي ڇڏي، پنهنجي سواس سپرش سان.

اهو اپوتر آهي — گندن هٿن دواران پنهنجون ڀيٽائون سويڪار نه ڪر.

صرف اهو ئي سويڪار ڪر جيڪو به توکي پوتر پريم سان ٿي ڀيٽ ٿي ملي.

(٨)

ٻالڪ جيڪو سجايل آهي شهزادي جهڙي لباس ۾ جنهن جي ڳچيءَ ۾ جواهرن جڙيل زنجيرون پيل آهن ته هن جي راند روند جي راحت سموري کوهجي ٿي رهي. هر قدم تي پوشاڪ هن کي رنڊڪائي ٿي.

متان اها گندي ٿي پوي يا مٽيءَ جا داغ، ٿي پون، انهيءَ انديشي ڪري دنيا کان هو پاڻ کي دور ٿو رکي؛ گهمڻ ڦرڻ کان به پيو نٽائي.

امي، ڪوبه جس ناهي تنهنجي نزاڪت واري بندن ۾، جو پرٿويءَ جي صحتبخش مٽيءَ کان ڪنهن کي محروم ڪري رکي، يا عام ماڻو جيون جي وڏي مهاي ميلاپ ۾ پرويش ڪرڻ جي اڌڪار کان وانجهو ٿو ڪري ڇڏي.

(١١)

ڇڏي ڏي هي منتر اُچارڻ ۽ ڀڄن ڳائڻ ۽ مالها ڦيرائڻ! در دروازا سڀ ٻائي، ڪنهن جي پوڄا ڪندو آهين لڪون هن مندر جي اُجڙ اونداهيءَ ڪنڊ ۾؟

اکيون ته پنهنجون پٽ ۽ ڏس ته تنهنجو پرماتما تنهنجي سامهون ڪونهي!

هو اُتي آهي جتي ڪسان ڪڙي ٻهو سخت زمين ۽ جتي رستو ٺاهيندڙ پٿر پيو ٽاڪي. هو هنن سان ئي گڏ هوندو آهي، اُس ۾ مينهن ۾ ۽ هن جا وستر مٽيءَ ۾ ڀريا پيا هوندا آهن. پنهنجي پاڪ ڪفني لاهي ڦٽي ڪر ۽ هن وانگر ئي لهي هيٺ اچ ڌوڙ ڀريءَ ڌرتيءَ تي.

مُڪتي! ڪٿي لوڇي لهي سگهندين اها مُڪتي؟ اسان جي خاوند چوج مان وڌا آهن پاڻ تي بڌڻ مخلوقات جا؛ هو اسان سان جڪڙيل آهي سدائين جي لاءِ.

پنهنجي ڀڳتي ائڪاگرتائيءَ مان اُٿي ڪڙو ۽ ٿي ٻاهر؛ ڦلن ڦلن ۽ ڌوپ واسن کي هڪ پاسيرو ڪري ڇڏ! هرج ڪهڙو آهي جيڪڏهن تنهنجا وستر ليڙون ليڙون ٿي پون يا ڪٽي داڳي ٿي پون؟ هلي هن سان مل ۽ ڪرم ڪشٽ ڪندي ۽ پگهر هڻ جي ٻڙ ۾ پنهنجي ٻور هڻي هن جي پاسي سان.

(١٠)

هيءَ تنهنجي چرنن لاءِ صندلي. جنهن تي ٽڙيل آهن تنهنجا چرن، جتي رهن ٿا ڪنگال، مسڪين ۽ ڪوهيل.

جڏهن مان توکي ڪنڌ جهڪائي نمسڪار ڪندو آهيان، تڏهن منهنجو مستڪ اترو هيٺ تائين لوڙي نه سگهندو آهي، جتي ڪنگالن، مسڪينن ۽ ڪوهيلن جي وچ ۾ تنهنجا چرن براجمان هوندا آهي.

اهنڪار جي اتي هاءِ ئي ڪانه سگهندي، جتي تون غريباڻي لباس ۾ ولين تو گهمندو ڦرندو ڪنگالن ۽ مسڪينن، ڪوهيلن جي وچ ۾.

منهنجو من ڪڏهن به اهو پيچرو لهي ڪونه سگهندو جو اتي پهچي سگهي، جتي تون وتو آهين سنگتين سواءِ ڪنگالن، مسڪينن ۽ ڪوهيلن جي صحبت ۾.

(١٣)

گيت جيڪو مان ڳائڻ آيو هوس سو اڄ تائين اڻ ڳايل ئي رهجي ويو آهي —

مان پنهنجا ڏينهن پنهنجي ساز جي تارن کي ٻڌڻ ۽ ڇوڙڻ ۾ ئي گنوائي ڇڏيا آهن.

صحيح سمو اڃا ڪونه آيو آهي، پڪيٽ جي رچنا برابر ڪان ٿي سگهي آهي؛ صرف منهنجي دل ۾ آهي تمنا جي پيڙا.

مکڙي به اڃا نه ٽڙي ڪانهي؛ فقط هوا آهون ڀريندي لنگهندي پئي وڃي. مان هن جو مکڙو ئي ڪونه ڏٺو آهي. ۽ نڪو هن جو آواز ئي ٻڌو اٿم؛

صرف ٻڌا اٿم هن جا ڪومل قدم رستي تان منهنجي مڪان جي سامهون.

سڄو سارو ڏينهن نبري ويو آهي ٻيهي وقت هن جي آسڻ سجائڻ ۾؛

ليڪن ڏئي وٽ اڃا ڇڙهي ڪانهي ۽ هن کي اندر گهر گهري اچڻ لاءِ چئي نٿو سگهان.

مان هن سان گڏجڻ جي آشا ڌري ويٺو آهيان؛ ليڪن اڃا تائين ته ملڻ ٿيو ئي ڪونهي.

(١٢)

منهنجي مسافريءَ ۾ جيڪو وقت ٿو لڳي، سو به هڪ وڏو عرصو آهي ۽ انهيءَ جي راهه لمبي.

مان روشنيءَ جي پهرينءَ ئي جهلڪ جي رٿ ۾ چڙهي ٻاهر نڪتس ۽ سرشٽين جي ويرانين جو دؤر چالو ڪيم، گهڻن ئي ستارن ۽ گرهڻن تي پنهنجي سفر راهه نيشان ڇڏيندو ويس.

اها بلڪل ڏورانهين ڏس آهي، جا اچي ٿي بلڪل پنهنجي نزديڪ، ۽ اها سکيا ڏاڍي پيچدار آهي، جا تال جي بلڪل سادگيءَ جو مارگ، درشن ٿي ڪري.

مسافر کي هر سمت ڌارئي جو در کڙڪائڻو پوي ٿو، خود پنهنجي دروازي وٽ پهچڻ لاءِ ۽ هن کي ٻاهرين سرشٽين ۾ ڀٽڪڻو ٿو پوي، جيئن انت ۾ اندر ۾ ئي اندرينءَ سماڌيءَ تائين پهچي سگهي.

پنهنجا نيڻ هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ بعد، ڪٿي بند ڪيم ۽ چيم، ”اجهو هتي آهين تون!“

اها تلاش ۽ تمنا ”او ڪٿي؟“ منهن ٿي ڳوڙهن ۾ ڳري، هزارين نهرون ٿي نيون پون ۽ وشواس جي اٿل سان، ساري سنسار کي اوڙان ڀوڙ ڪري ٿي ڇڏي ته ”مان آهيان!“

(١٥.)

مان آيو آهيان توکي پنهنجا گيت ٻڌائڻ. تنهنجي هن ديوان ۾ مونکي ملي آهي ڄڳهه هڪ ڪنڊ ۾.

تنهنجي سرشٽيءَ ۾ مونکي ڪجهه به ڪارج ڪرڻ لاءِ ڪونهي. منهنجي نڪمي جيون صرف ٽٽي ترانا ٿي پوي ٿي. بنا ڪنهن به پرايوجن جي.

جڏهن ويل اچي سڄي آڌيءَ رات واري اونداهي مندر ۾ تنهنجي شانت - پوڄيءَ لاءِ،

مونکي آگيا ڏي، منهنجا مالڪ، ته مان تنهنجي اڳيان اُٿي بيهي ڳايان.

جڏهن صبوح جي هير ۾ سونهري سرندو وڄي ته مهر ڪر مون تي شرڪ اچڻ لاءِ آديش جي.

(١٤)

منهنجيون تمنائون جهجهيون آهن ۽ منهنجي صدا رحم جوڳي آهي، ليڪن هر هميشه تو ٻٽي رکيا ڪٿي آهي پنهنجي ڪٺور نابرن سان ۽ هيءَ ڪٺور ديا منهنجي جيون جي آرپار جڙجي وئي آهي.

ڏينهون ڏينهن تون مونکي بڻائين ٿو لائق سادين اُچين سوکڙين لاءِ، جي تون مونکي اڻ گهريون عطا ڪري ٿو ڇڏين — هيءَ آسمان ۽ روشني، هيءَ سرير ۽ پران ۽ هردو — لوڀي چاهنا جي خطري کان بچائڻ لاءِ.

ڪي گهڙيون اهڙيون اينديون آهن، جڏهن مان نراس ٿي پيٺي رهجي، ويندو آهيان ۽ اهي ئي ساعتون هونديون آهن جڏهن سجاڳ ٿي جوڙ ڪندو آهيان پنهنجي آدرش ڳولڻ لاءِ ليڪن پاڻ لڪائين ٿو مونکان منهنجي سامهون لڙدئتا سان.

ڏينهون ڏينهن بڻائين ٿو تون مونکي لائق پنهنجي هميشه ۽ هردم انڪارن ڪي پورن سوڪار ڪرڻ لاءِ، مونکي بيڪار ۽ بيسود چاهنا جي خطري کان بچائڻ لاءِ.

(١٧)

مان صرف ترسيل آهيان پريم لاءِ ته پاڻ ارپڻ ڪري ڇڏيان هن جي ئي هٿن ۾.

انهيءَ ڪري ئي ايتري اوير ٿي آهي ڇاڪاڻ هنن ڀُلن لاءِ ڏوهاري آهيان.

اهي اچن ٿيون پنهنجي نيمن انوسار ۽ انهن جا قانون مونکي ڏاڍو قابو ڪري ٿا ڇڏن. ليڪن مان سدائين انهن کي ٽاريندو آهيان، ڇو ته مان صرف رکيل آهيان پريم لاءِ ته پاڻ ارپڻ ڪري ڇڏيان هن جي ئي هٿن ۾.

هڪ مونکي ڏوهه ٿو ڏئي ۽ مونکي موڳو ٿو ڪوٺي. مونکي ته شڪ ڪونهي ته هو ڏوهه ڏيڻ ۾ درست آهن.

ڏينهن خريداريءَ جو ختم ٿيو آهي، ۽ رُڌلن لاءِ ڪم هاج سمورو لهي چڪو آهي.

جيڪي اجايو مونکي سڏڻ آيا هئا سي غصي ۾ موٽي واپس هليا ويا آهن. مان ته اوسيئڙي ۾ آهيان پريم جي ته پاڻ ارپڻ ڪري ڇڏيان هن جي ئي هٿن ۾.

(١٦)

مونکي هن سنسار جي ميلي لاءِ نوتو مليل هئو ۽
اهڙيءَ طرح منهنجي جيون کي آشيرواد مليل آهي.

منهنجن نيڻن ڏٺو آهي ۽ منهنجن ڪنن ٻڌو آهي.

هن محفل ۾ مونکي ڀاڱو، وڄڻو هئو پنهنجي ساز وڄائڻ
سان ۽ وس آهر سڀ ڪيم.

هينئر مان پڇان ٿو، آخر ۾ مهل آئي آهي ڇا ته مان
اندر گهڙي اچان ۽ پسان تنهنجو مکڙو ۽ ڪريان مان پيش
پنهنجو چپ چاپ پرڻام.

GOPE SIDHW[illegible] DMIE
Special Ex[illegible] [illegible]rate,
14/158 Govt. Colony.
KHAR, BOMBAY-400 052.

(١٩)

اگر تون ڪجهه ڪڇين به نٿو، ته مان پنهنجي دل کي شانتيءَ سان ئي ڀري ڇڏيندس ۽ ڀوڳيندس.

مان صبر ڪندس ۽ ترسندس رات وانگر ستارن جي جاڳرتيءَ سان ۽ ڌيرج ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري.

صبوح ته اوس ئي اچڻو آهي، انڌارو گم ٿي ويندو ۽ تنهنجو آواز وسڪاري سان هيٺ سونهري نهرن ۾ آڪاس کي چيريندو.

تڏهن تنهنجا شبد پَرَ ڪري گيت ٿي پوندا. منهنجي هر هڪ پکيئڙي جي آکيري مان ۽ تنهنجا مڌر سُر ڦٽندا ڦولن ۾، منهنجن سڀني جهنگل جي جهڳٽن ۾.

(١٨)

ڪڪر مٿان ڪڪر وڃن ٿا ڪٺا ٿيندا ۽ انڌڪار ٿي ويو آهي. او، ميت چو تو ترسائي ٻيهارين مون کي دروازي جي ٻاهران اڪيلائيءَ ۾.

منجهند پهر جي مشغوليءَ وارن گهڙين جي ڪم هوندي، مان ته انبوه سان ئي ساڻ هوندو آهيان، پر اڄوڪي گهنگهور اونداهي ڏينهن، مون کي فقط تنهنجي ئي آس آهي.

جيڪڏهن تون پنهنجو درشن نه ڏيندين، جيڪڏهن تون مون کي پاسيرو ڪري صفا ڇڏي ڏيندين ته مان نٿو سمجهان ته گهاري سگهندس هي لنبا مينهوڳا پل.

مان پيو تڪيان ڏورانهن آسمان جو ڌنڌلاو ۽ منهنجو هردو ڀٽڪي، دردي آنهون ڀريندو، ڌوڪيندڙ هوا سان گڏجي.

(٢١)

موڪلي ڪشتي پنهنجي هتان هاڪارڻ کپي.
ڪناري تي ٿي آلس ۾ وقت وڃي ٿي وهامندي —
افسوس اٿم!
بهار پنهنجي گلزاري ختم ڪئي آهي ۽ وداع ڪئي
آهي. ۽ ڪومايل ڪجهن گلن جو بوجهو جهلي، مان سڄو
ويٺو آهيان اوسيڙي ۾.
ڇولين شور مچائي رکيون آهن، ۽ ڪپر تي ڇانوريءَ
گهٽيءَ ۾. پيلا پن ڦڙ ڦڙ ڪري پيا پٽ پون.

تو خالي پيلي ڇالي ٺڪ ٺڪي لڳائي آهي!

ڇا ٻڌين، هن پار جي ڪپر کان، هير سان گڏ ايندڙ گيت
جي آلاپن جي ڏڄندڙ لرزش تون محسوس نٿو ڪرين؟

(٢٠)

جنهن ڏينهن ڪنول ٽڙيو، افسوس منهنجو من ڀٽي ڀٽڪيو، ۽ انهيءَ جي مون کي سڌ ئي نه رهي.

منهنجي ٽوڪري سکڻي هئي ۽ ڦول بنان سماءَ ڪرڻ جي ئي رهجي ويو.

رڳو هر گهڙيءَ مون کي مايوسي ٿي ورائي ۽ مان پنهنجي سپني مان ڇرڪ ڀري اُٿيس ۽ ڏکڻ جي هير جي مٺي هڳاءَ ۾ هڪ انوکي سڳنڌ محسوس ڪيم.

انهيءَ اگر مٺڙا منهنجي دل ۾ سوز ڀري اُڪير پيدا ڪئي، ۽ مون کي ائين ڀاسيو ته ڄڻ لوچيندڙ اونهاري جو اُتڪنا ڀريل سواس هئو.

تڏهن مون کي سڌ ئي ڪانه رهي ته هوءَ ڪا ايترو ويجهو هئي، ۽ هوءَ خود منهنجي ئي هئي، ۽ اها پورڻ مٺڙا خود منهنجي ئي هردي جي اونهائيءَ اندران ٽڙ ماڻ ئي هئي.

(٢٣)

ھن آنڌيءَ رات جو تون ٻاھر نڪتو آھين ،
پنھنجيءَ پريم ياترا تي ڇا، منھنجا مترا ؟
گگن پيو ٿو ڪنجھي جيئن نراش پراڻي ·
رات جو ننڊ ئي ڪانه آھم ·
ھر ھر پنھنجو دئار کولي اونده ۾ ليئا پيو پايان ،
منھنجا دوست !
پنھنجي اڳيان ڪجھہ بہ ڏسي نٿو سگھان ·
تعجب اٿم تنھنجي واٽ ڪھڙي آھي !
سياھہ مسائيءَ نديءَ جي ڪھڙي ڌنڌلي ڪپر تان ،
زود رنج مھاڙيءَ جي ڪھڙيءَ دور دشا جي رمت کان ،
ڪھڙيءَ وڏ وڪڙن واريءَ عميقيءَ جي اندڪار مان ،
تون واٽ وٺي پيو مون ڏي اچين ، منھنجا ميت ؟

(٣٢)

مينهوڳي جولاءِ جي گهاٽين ڇانئن ۾، ٻليءَ پير پائي، تون هلين ٿو، رات جي خاموشيءَ جيان، سڀني نگهبانن کي ٺڳائيندو.

اڄوڪي صبوح پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيون آهن.

تيز پوربي پوَن جي ساندهه سڏيلن ڌانهن ٻه ڪو ڌيان نہ ڏنئي، ۽ هردم جاڳرت نيلي گگن مٿان ڌهرو پڙدو ڇانئجي ڇڏيو آهي. ٻيلائي درختن پنهنجا گيت ماٺا ڪري ڇڏيا آهن. ۽ هر هڪ مڪان جا سڀ دروازا بند آهن.

هن سڃيءَ ڳليءَ ۾ صرف تون هڪڙو ئي لانگهائو آهين.

اڙي منهنجا ئي مٽر، منهنجا مٺا محبوب، منهنجي سراءِ جا دروازا کليل آهن —

سپنو ٿي نہ هليو وڃج.

(٣٥)

سومهڻي مهل لڪاوٽ ڪري، مونکي پاڻ سونهن ڏي
اندرا داريءَ کي،
ها آنانڪاريءَ جي، توکي پنهنجو وشواس ڪندي.
انهنجي پوڄا لاءِ هُنُ ٻُڙ واري سنمت ڪرڻ لاءِ،
مان پنهنجي ٿڪل آتما کي زور بار ڪرڻ نه چاهيندس.

تون ئي نه آهين جو ڏينهن پر جي ساڳن نيڻن کي راحت
جي پٽيءَ سان ڍڪيندو آهين.

جڏن جاڳرتيءَ ولي هن جي بدشٽي وڏهڪ آنند پري
تازي تواني ڏئي.

(۲۴)

جڏهن ڏينهن پورو ٿئي،
جڏهن پکيئڙا وڌيڪ ڳائڻ ٿي بند ڪن،
جڏهن پَوَن ٿڪجي ساٽي ٿي پوي.

تڏهن انڌڪار جي دهري چادر منهنجي مٿان وڇائي ڇڏ، جئن تو پرٿويءَ کي ننڊرا جي اوڍڻيءَ سان ڍڪي ڇڏيو آهي ۽ نماشام جي مرجهندڙ ڪنول جي پنکڙين کي ڪوملتا سان بوٽي ڇڏيو آهي.

اُهيءَ پانڌيئڙي جي.

جنهنجي کاڌ خوراڪ واري ڳوٿري سفر پوري ٿيڻ کان اڳ ئي ٺلهي ٿي چڪي آهي.

جنهن جي ڌوڙ ڀري پوشاڪ ليڙون ٿي پيئي آهي،
جنهن جي همت ٽٽي پيئي آهي،
تنهن جي پت رک ۽ لڄ ڍڪ،
۽ هن ۾ نئون جيءُ پر، هڪ ڦول جيان،
پنهنجي مهروان رات جي هوش ۾.

(۳۷)

جوتي، اُڙي آهي ڪٿي جوتي ؟
تمنا جي ٻرندڙ چڻنگ سان انهيءَ کي جڳاءِ !
ڏيئو آهي ليڪن وٽ جي لاٽ نه آهي ڪا، — ڇا
اهڙائي آهي تنهنجي تقدير، منهنجا مَنَ !
اڙي، انهيءَ کان وڌيڪ تنهنجي لاءِ نه موت بهتر ٿئي ها!
رحمت تنهنجو در پيئي کڙڪائي ۽ هن جو پيغام آهي،
ته تنهنجو سوامي جاڳرت آهي ۽ رات جي اونداهيءَ ۾
توکي پريم ملن - تڪائي گهرايو اٿس.
آسمان ٻادلن سان ڇانيل آهي ۽ برسات بند ٿيڻ جي ناهي.
مونکي نه ڄاڻ ته ڪا شئي پوي ته اهو آهي ڇا جو
منهنجي اندر پيو لڇي، —
انهيءَ جو نه ارٿ ٿي مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي.
ڪن ساعت واريءَ کنوڻ جو شعاع منهنجي چهري تي
زيادهه گهاٽي ڇايا ڇانئي ٿو ڇڏي.
۽ منهنجو من انهيءَ پٽ لاءِ پيو هٿوراڙيون هڻي،
جتان رات جو سنگيت مونکي سڏي رهيو آهي.
جوتي، اُڙي آهي ڪٿي جوتي!
تمنا جي ٻرندڙ چڻنگ سان انهيءَ کي ٻار !
ڳجگوڙ پيئي ٿئي ۽ هوا وائڪيءَ ولڪيءَ مان سيسڙاٽون
ڪندي ڊوڪندي پيئي لنگهي.
رات اونداهي آهي جهڙو سياهه پٿر
اونده ۾ ايئن ٿي ويل نه وڃائي ويهه.
پنهنجي پراڻن سان پريم جي ڏيئي کي جڳاءِ.

(٢٦)

هو آيو ۽ منهنجي پر ۾ اچي ويٺو، پر مان جاڳيس ئي ڪونه
ڪهڙي نه اها ندوري ننڊ هئي، هي نڀاڳا جيءَ!
هو آيو ته رات شانت هئي؛
هن کي هٿن ۾ ٻانهجو سرندو هئو،
۽ منهنجا سپنا انهيءَ جي مٺڙن آلاپن سان گونجي ويا.
افسوس، منهنجون سموريون راتيون ائين وڃڻ وهامي
ڇو ويون ؟
ڀلا هن جو درس هردم مون کان کسي ڇو ٿو،
جيتوڻيڪ هن جو سواس منهنجن سپنن کي ڇهي ٿو ؟

(۲۹)

جنهن کي مان پنهنجي شهر ۾ بند ڪيو آهي،
سو بنديخاني اندر پيو ٿو هنجون هاري.
مان سدائين رڌل آهيان ڇوڌاري هيءَ ديوار ناهڻ ۾،
جئن جئن هيءَ ديوار ڏينهون ڏينهن وڃي ٿي آسمان طرف مٿي نهندي،
تئن تئن مان کوهندو وڃان ٿو نگاهن مان
پنهنجي هستي انهيءَ جي اونداهي ڇانوَ ۾.
هن عاليءَ ديوار لئي مونکي ناز آهي ۽ گاري ۽ ريتيءَ سان انهيءَ کي پيو ٿو لپيان ته متان انهيءَ منجهه ۾ ڪا وٿي نه رهجي وڃي؛
۽ اها جهتري جهتري اور پيو رکان.
اوڙ پاٽي مان پنهنجي سچي هستي نگاهن مان کوهندو پيو وڃان.

(٣٨)

ڪٺور آهن ھي ٻنڌڻ، ليڪن منهنجو من ڏکي ٿيندو آهي،
جڏهن مان انهن کي ٽوڙڻ جو يتن ڪندو آهيان.
مونکي صرف کپي رهائي، پر انهيءَ لاءِ آشا رکندي
به مان لڄائجان ٿو ٿيان.
وشواس اٿم ته تو ۾ ئي املهه خزانو ڀريل آهي ۽ تون
ئي منهنجو ٻهڙلن حبيب آهين.
ليڪن منهنجو من ئي نٿو مڃي ته ڪو ٻهاري پائي،
ڪچرو ٻاهر ڪيان،
جنهن سان منهنجو ڪمرو ڀريل پيو آهي.
ڪفن جنهن مونکي لٿي ڇڏيو آهي. اهو آهي ڪفن
مٽيءَ ۽ موت جو؛
انهيءَ کي ڌڪاريان ٿو، تڏهن هوندي به مرهه رچان
کيس گلي لڳايو اٿم.
منهنجا قرض الاهي آهن، منهنجون شڪستون اٿاهه،
منهنجا عيب ڳجها ۽ ڀاري.
تڏهن هوندي به جڏهن مان اچي پنهنجي ڪلياڻ ڪاڻ
آرادنا ڪندو آهيان
ته ھراسجي پيو ڪنبندو آهيان
ته متان منهنجي پرارٿنا سوڪار نه ٿئي.

(۳۱)

باندي، ٻڌائيم ته ”اهو هئو ڪير جنهن توکي جڪڙي ڇڏيو؟“
”هو منهنجو ئي سوامي هئو،“ بانديءَ ورائيو.
مان سمجهيو ته دنيا ۾ جيڪي هر هڪ کان ڌن ۽ ٻل ۾ گوءِ
کڻي ويندس.
۽ پنهنجي شاهه جي حقي دولت پنهنجي ئي خزاني ۾
ڪٺي ڪيم.
جڏهن ننڊ منهنجي مٿان غالب پئي،
ته مان بستري تي ليٽي پيس، جو منهنجي ناٿ جوڳي هئو؛
۽ جڏهن سجاڳ ٿيس ته ڏٺم مان پنهنجي ئي دولتخاني
۾ قيدي ٿي چڪو هوس.
”باندي، مونکي ٻڌاءِ ته ڀلا هو ڪير هئو، جنهن هيءَ
اٽوٽ زنجير جوڙي آهي؟“
”اهو خود مان ئي ته هوس،“ بانديءَ ورائيو، ”جنهن هيءَ
زنجير گهڻي خبرداريءَ سان جوڙي ناهي آهي.
مان سوچيو ته پنهنجي اجيت شڪتيءَ سان ساريءَ سرشٽيءَ
کي قابو ڪري سگهندس،
۽ مان رهي سگهندس بنان کٽڪي واري سوتنترتا ۾.
تنهنڪري رات ڏينهن هڪ ڪري باهين جي ٻالڻ ۽
ڪٺن ڪٺور متڪن سان هيءَ زنجير ناهيم.
آخر جڏهن ڪاريه سڦل ٿيو ۽ ڪڙيون نهي راس ٿيون ۽
اٽوٽ ٿي چڪيون،
تڏهن لوچيم ته هن ته مونکي ئي پنهنجي قبضي ۾ جڪڙي
ڇڏيو هئو.“

(٣٠)

آءُ اڪيلو ئي پنڌ وٺي نڪري آهيس، پريم ملڻ جڳهہ لاءِ،
پر هي ڌري ڪير آهي جو اڪانت پريءَ اونده ۾
منهنجو پٺو پيڇو ڪري؟
هن جي وجود کان ٽارڻ لاءِ، مان ٿي ٽري پاسو ٿو ڏيان.
پر هن کي ٽاري ٿي نٿو سگهان.
پنهنجي گهمنڊي قدمن سان، هو پرٿويءَ جي مٽي اڏائيندو
ٿو پيو هلي؛
هڪ هڪ شبد جيڪو مان ٻوليان ٿو،
تہ انهيءَ سان هو پنهنجو بلند آواز شامل ڪري ٿو.
اهو خود منهنجو ئي ننڍڙو اهم آهي منهنجا ناٿ،
هن کي لڄ ئي ڪانہ ٿئي؛
ليڪن هن جي صحبت ۾ منهنجي دَر اچڻ ۾ ئي مونکي
حياءُ ٿو ٿئي.

(۳۳)

ڏينهن ڏٺي جو، هو جڏهن منهنجي گهر گهڙيي آيا، ۽ آکيائون:
"اسان هتي فقط هڪڙي ننڍي ۾ ننڍي ڪوٺڙي والاريندا سين."

هن چيو، "اسان توکي اشٽ ديو پوڄا ۾ پڻ سهڪا ڏيندا سين، ۽ هن جي ڪرپا مان صرف پاڻ وارو پنهنجو ئي واٽو نمرتا سان سويڪار ڪندا سين؛"

تنهن کانپوءِ هو وڃي پنهنجي هڪ ڪنڊ والاري،
۽ نهٽائيءَ سان جڳهه وٺي ٽانئيڪا ٿي ويٺا.

ليڪن رات جي اونده ۾ ڏسان ٿو زوراوريءَ ۽ ڌمچڙ سان، منهنجي پوتر ديو استان ۾ زبردستيءَ ڌوڪي، اڌرم زوراوري ڪري، شور مچائي،

ٺاڪر جي اڳيان رکيل آسڻ تي ارداس ڀيٽ ملين هيڄ سان ڀا هڙپ ڪن.

(۳۳)

سڀئي حيلا وسيلا هلائي، هن سنسار ۾ منهنجا گهڻگهرا،
مونکي پنهنجن بندن ۾ قابو ڪري رکڻ جو يتن پيا ڪن.
پر تنهنجو پريم نرالو آهي.
جو هن جي پيار کان آڌڪ ڪمال آهي،
۽ تون مونکي ڇڙواڳ ڇڏي ٿو ڏين.
متان مان کين ڀلجي نه وڃان،
هو ڪڏهن به مونکي نوڪلو ڇڏي نٿا سگهن.
هوڏانهن وري هڪ ڏينهن پٺيان ٻيو ڏينهن لنگهندو پيو
وڃي ۽ تنهنجو درشن ئي درلڀ آهي.
مان جيڪڏهن پنهنجي پرارٿنائن ۾ توکي نه به ڪٿي ساريان،
جيڪڏهن مان توکي پنهنجي هردي ۾ نه به سنڀاريان،
تڏهن به تنهنجو پريم منهنجي پيار جي صدقي منهنجي
لاءِ قائم ئي آهي.

(٣٥)

جتي عقل نڊر آهي ۽ ڪنڌ مٿي اوچو آهي؛
جتي گيان نه ٻڌل آهي؛
جتي سوڙهن گهرو ديوارن ذريعي سرشٽيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا
ڪري ڌار ن ڪيو ن ويو آهي؛

جتي سخن، صداقت جي عميقيءَ مان ٿا نڪرن؛
جتي اڻٿڪ اُدم پنهنجون ٻانهون پورنتا ڏسي
ڊگهيڙي ٿو؛

جتي بُڌيءَ جي شفاف نهر پنهنجي وهڪ ڪڄڻ
رسمن جي ٿوٺ ويران ريگستان ۾ کوهي ناهي؛
جتي آتما جي ترقي شعور ويچار ۽ آچار جي تون رهنمائي
ٿو ڪرين —

اهڙي ئي سوتنترتا جي سرڳ ۾، منهنجا پرم پتا،
شال سوديش سجاڳ ٿئي.

(٣٤)

شل مان سنديءَ باقي اهڙو رهي تہ ٻوان
جنهن مان پوءِ توکي ڪوٺي سگهان سڀورو ئي پنهنجو.
شل منهنجي اڇا گهٽجي اهڙي ناچيز ٿي وڃي،
جنهن مان پوءِ محسوس ڪري سگهان توکي هر ڏس ۾،
۽ هر وستوءَ ۾ توکي پائي سگهان،
۽ هر پل توکي پنهنجي پرم، ڀيٽ ڪريان.
شل مان ٿوري اهڙو تہ ننڍڙو ٿي وڃان
جنهن مان پوءِ توکي مور لڪائي ڇپائي نہ سگهان.
شل منهنجا بندن ڪنهن جي باقي اهڙا ٿورا ٿين
جنهن مان پوءِ رڳو تنهنجي ڀاوَنا ۾ ئي جڪڙيل هجان
۽ تنهنجو ڀاڳ منهنجي جيون دواران سڦل ٿئي —
۽ اها ئي آهي تنهنجي پرم جي ڪڙي.

(٣٧)

سمجهيم ته منهنجي سفر جي پڄاڻي اچي چڪي هئي؛
منهنجي شڪتيءَ جي انتم سيما تائين —
۽ منهنجي اڳيان واٽ بند ٿي وئي هئي؛
وکر سڀ کپي ويا هئا ۽ گهڙي اچي سهڙي هئي خاموش،
گوشي نشينيءَ جي شرڻ وٺڻ جي.
ليڪن لڌم ته تنهنجي ڀاوَ جو منهنجي لاءِ انت
ئي ناهي.
۽ جڏهن ڪهنا شبد مک تائين اچي ۽ شانت ٿي ويندا
آهن.
ته وري نوان آلاپ هرده جي اندران نرمل نڪرندا آهن؛
۽ جتي پراڻا پيچرا غائب ٿي ويندا آهن،
ته نئون پرديش تو پرگهٽ ٿئي، پنهنجي ادڀوتن سميت.

(٣٦)

هيءَ منهنجي ارداس آهي توکي، منهنجا ناٿ —
اُکوڙ، منهنجي من جي مفلسيءَ جون پاڙون، اُکوڙ.

ٻل ڏي مون کي ته پنهنجا ڏک ۽ سک سهنجائيءَ سان سهي سگهان.

ٻل ڏي مون کي ته پنهنجي پريم کي سڦل ڪريان شيوا ڪارڻ ۾.

ٻل ڏي مونکي ته ڪڏهن به دردرن کي نه اوڏيان.
۽ نه جهڪان ڪڏهن به اهنڪاري شڪتيءَ اڳيان.

ٻل ڏي مونکي ته روز مره جي ننڍ ننڍ کان پنهنجي منو استيءَ کي مٿي اوچو رکان.

۽ ٻل ڏي مونکي ته پنهنجيءَ شڪتيءَ کي شرڌا سان تنهنجي ئي اڇا ارپڻ ڪري ڇڏيان.

(٣٩)

جڏهن هردو سُڪي ۽ ڪٺور ٿئي، تہ اچي منهنجي مٿان
مهر جو مينهن وساءِ.

جڏهن جيون مان رسڪت لڪي ٿي رهي، تہ هليو اچ
سنگيت سنديءَ ڌن سان.

جڏهن ڪم ڪاج جي گوڙ گهمسان ڪري چؤطرف ڌمچر
ٿو مچي، ۽ مون پار ڪان واڳجهو ڪري ٿو ڇڏي، تہ هليو
اچ مون وٽ، منهنجا شانتي سروپ سوامي، پنهنجي سنتوش ۽
شانتيءَ سميت.

جڏهن منهنجو ڪنگال قلب ڪرڙو ٿي ڪنڊ پاسيرو
پاڻ لڪائي ٿو وهي،
تہ دروازو پٽي کول، منهنجا راجا، ۽ هليو اچ شاهاڻي
شان سان ادمر سان.

جڏهن واسنا من کي مايا ۽ مٽيءَ سان انڌو ٿي ڪري
ڇڏي،
تہ اُون پاڪدامن ۽ اُون سجاڳ، هليو اچ پنهنجي پرڪاش
۽ گرجنا سميت.

(٣٨)

مونکي لوڙ آهي تنهنجي، صرف تنهنجي —
بلاشڪ منهنجي دل انهيءَ ور ور ڪري اچاري بنان ڪنهن انتها جي.
سڀيئي ترشنائون جيڪي مونکي نسدن پريشان ڪن ٿيون، سي آهن ڪچيون ۽ لوڙ لائين نڪميون.
جيئن رات پنهنجي اندڪار ۾ ٿي پرڪاش لاءِ التجا لڪائي سانڍي رکي ٿي،
تيئن منهنجي بيخوديءَ جي گهرائيءَ مان به اها ٿي پڪار گونجي ٿي —
مونکي لوڙ آهي تنهنجي، صرف تنهنجي.
جيئن آنڌي به انت ۾ پنهنجي سماپتي شانتيءَ ۾ لئي ٿي لوچي،
جڏهن هوءَ زور سان پنهنجي سموري طاقت لڳائي، شانتيءَ سان وڃي ٿي ٽڪر کائي،
تيئن منهنجو انقلاب به وڃي ٿو تنهنجي محبت سان ٽڪرجي.
۽ تڏهن به اهيءَ جي اها ٿي صدا آهي —
مونکي لوڙ آهي تنهنجي، صرف تنهنجي.

(۴۱)

سڀني جي پٺيان ڪٿي بيٺو آهين، منهنجا پريتم، ڇاڪاڻ ۽ پاڇا لڪائي؟ اهي توکي ٿيلها ٿا ڏين ۽ ڌوڙ واري رستي تان توکي ڇڏي، نہ ليکي توکي اورانگهي هليا ٿا وڃن. مان هتي انتظار جون ڪيتريون گهڙيون ترسي، تنهنجي لاءِ پنهنجون پيشڪشون پکيڙي ويٺي آهيان. جنهن مهل واٽهڙو اچن ٿا تہ منهنجا گل هڪ هڪ ڪري کڻندا پيا وڃن ۽ منهنجي ٽوڪري لڳ ڀڳ اڄ خالي ٿي آهي.

صبوح جو ٽاڻو ٽري ويو آهي ۽ منجهند جي ويل. شام جي ڇايا منهنجون اکيون ننڊ آڪڙيون ڪري ڇڏيون آهن. ماڻهو ماڳ موٽندي، اک ٽيٽ ڪري پيا مون ڏانهن نهارن ۽ مرڪن ۽ مونکي شرمندو ڪن. مان هڪ بکارڻ نيمگري ويٺي آهيان پنهنجو پلؤ منهن مٿان وجهي، ۽ هو جڏهن پڇندا آهن تہ اهو ڇاهي جو توکي کپي تہ پنهنجون اکيون ٿي کڻي هيٺ ڪندي آهيان.

اڙي، اها حقيقت بہ ڀلا مان ڪين ڪيئن ٻڌايان تہ تنهنجي لئي اوسيڙي ۾ آهيان ۽ تون ئي اچڻ جو انجام ڪيو آهي. حياءَ وچان ڪيئان بہ ڪٿن تہ پنهنجي ٿي هنڌي لاءِ مسڙي ويٺي آهيان هيءَ مفلسي.

مان گاهہ تي ويٺي هوندي آهيان ۽ آسمان طرف تڪيندي آهيان ۽ هڪ سپنو ڏسندي آهيان تنهنجي اچانڪ پهڪي شان ۽ اڌارجڻ جو — سڀئي بتيون روشن ٿيل، سونهري جهنڊيون

(٤٠)

ڏينهن جا ڏينهن برسات رڪجي وئي آهي، منهنجا ڀڳوان، منهنجي ٿوٿ خشڪ دل ۾.

آڪاس به ڀيانڪ طرح اُگهڙيل آهي، جو ڪنهن هڪ نفيس بادل جو ڪو سنهڙو پڙدو به ڪونهي،

ڏوريءَ مان ڪو اڳيئي ٿيءَ ٿڌي ورسڪاري وسڪ جو ڪو اشارو به ڪونهي.

موڪلي ڏي پنهنجو ڪروڌي طوفان، موتمار انڌڪار ڀريو، اگر اها ٿي آهي تنهنجا اڇا،

۽ کنوڻ جي ڦٽڪن سان آسمان کي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ڏوڏي ڇڏ.

ليڪن واپس گهرائي وٺ، منهنجا سوامي، واپس گهرائي وٺ هيءَ ڇوڏاري ڦهليل خاموش آتش، ماٺيڻي، تيز ۽ نردئي،

هرڏي کي ڀيانڪ نراشا سان جلائيندڙ.

شل مٿان لهي هيٺ اچي مهر ڀريل ميگهه،

جيئن هوندو آهي ماتا جو رنڻهارڪو منهن، جنهن ڏينهن پتا ڪندو آهي ڪروڌ.

(۴۲)

ٻره ڦٽيءَ جو ٿي سس پس شروع ٿي ويئي تہ ڪشتيءَ ۾ رڳو تون ۽ مان ٿي سفر ڪنداسين.

۽ دنيا ڀر جي ڪنهن بہ بشر کي بہ اسان جي نہ ڪنهن وديش ڏانهن ۽ نہ ڪنهن اُديش سان هڪ تيرٿ ياترا جي ڪا ڪل بہ ڪانہ پوندي.

انهيءَ بي پايان ساگر ۾، سانتيڪيءَ ۾، تنهنجي مرڪندي ٻڌڻ سان ٿي منهنجا گيت سنگيت ٿـــي ڇڙندا، ڇولين جيان ڇڙواڳ، ۽ شبد بندن کان مڪت.

اڃا ويل ڪانہ آئي آهي ڇا؟

اڃا ڪي ڪم هاج رهيل آهن ڇا؟

اڙي، سنڌيا بہ ساگر جـــي ڪپ تـــي اُتري اچي سهڙي آهي ۽ پيرڪنڊڙ روشنيءَ ۾ سامونڊي پکيئڙا بہ پنهنجن آکيڙن ڏانهن اُڏامندا پيا اچن.

ڪير ڄاڻي تہ ڪڏهن تہ لنگر کڄي ۽ ڪشتي شفق جي انتم شعاع وانگر رات ۾ لِي کوهجي وڃي؟

تنهنجي واهڻ مٿان ڦڙڪنديون ۽ تو سڀئي رستي جي پاسن
کان واس ڦاڙي ٻيهل آيا، جڏهن هو ڏسندا ته ڪٿي نه تون
پنهنجي استان تان لهي هيٺ اچي مونکي پٽ مان اٿاري ۽
وهارين تو، پنهنجي پر ۾ مون هڪ ميريءَ ۽ گدلي ٻهڙو
ڇوڪريءَ کي، ڪندڙ شرم ۽ شان وڃان، اونهاري جي هير
۾ لڏندڙ ول وانگر.

ليڪن سمو رمندو رهي تو ۽ اڃا ٽاپين ڪونه. تنهنجي
رٿ جي ڦيٿن جو آواز. ڪيتريون ئي جهڙن نڪري ويون
آهن ڌمڇر ۽ گوڙ گهمسان ۾ ۽ شان شوڪت سان. ڇو، فقط
تون ئي آهين جا جو ٻيٺو هوندين اوندهه ۾، خاموش ۽ سڀني
جي پويان؟ ۽ فقط مان ئي آهيان جو ٻيٺي هوندي اوسيڙي
۾ ۽ ٻيٺي هڃندس، ۽ اندر ئي اندر پيٺي پاڻ ڳاريندس
اجائي اڪر ۾؟

(٤٤)

اها ئي منهنجي راحت آهي جو رستي ڪان پاسيرو ترسي، اهو ڏسان ته ڪئن ڇانوَ پيڇو ڪري پرڪاش جو ۽ چوماسو اچي اونهاري جي آڌر سان.

دور اڳم آڪاس مان سنيها آڻي منهنجو سواگت ڪن ٿا ۽ سڙڪون پرلندا واٽ ولهو رمندا رهن ٿا.

منهنجي اندر آتما پرسن آهي ۽ لنگهندڙ هوا جو ساهه مٺو آهي.

پرهه ڦٽيءَ کان اونداهه ٿيڻ، مان پنهنجي اڳيان وهٽلي ويٺو هوندو آهيان.

۽ ڄاڻان ٿو ته اوچتو ايندي سو شڪوار ساعت اچي جو مان درس ڪندس.

وچ ۾ مان پيو مرڪندو آهيان ۽ اڪيلو ئي اڪيلو پيو گنگنائيندو آهيان.

انهيءَ وچ ۾ وائو ڀرجي ويندي آهي آس جي واس سان.

(٤٣)

اهو ڏينهن هو جو تنهنجي لاءِ مان ڪا سنڀت ٿي ڪانه ڪئي هئي.

۽ هڪ رواجي ڀنڀوهه مان ۽ مون لاءِ هڪ اجنبي هوندي به، منهنجي هردي ۾ اڻ ڪوٺيو پيهي، منهنجا راجا منهنجي جيون جي ڪيترن ئي تيز پرواز ڪندڙ گهڙين تي تو اچي اننت ڪال جي مهر لڳائي.

۽ اڄ جڏهن اچانڪ انهن تي روشني وڌم ۽ تنهنجي ئي دستخط ڏٺم.

ڏسان ٿو اهي سڀ ڌوڙ ۾ ٽڙيون پکڙيون پيون آهن ۽ منهنجي خسيس گذريل زماني جي رنج ۽ راحت جي حافظي ۾ ئي منجهي پيون آهن.

مٽيءَ ۾ منهنجي ٻاراڻي راند روند ڪندي، تو نفرت وچان منهن ڪونه موڙيو،

۽ پيرن جا آهٽ جيڪي مان پنهنجي راندين واري ڪمري ۾ ٻڌا هئا.

اهي ساڳيائي آهن جيڪي هڪ ستاري کان ٻئي ستاري پيا پڙاڏا ڏين.

(٤٦)

مونکي ڄاڻ ئي ڪانهي ته ڪهڙي گذريل سمي کان وٺي تون هر هميشه ٿي قريب آيو آهين مون سان ملڻ لاءِ.

ڪهڙيءَ ريت، تنهنجو سورج ۽ ستارا توکي هرگز مون کان لڪائي ڇپائي نه سگهندا.

ڪيترا ئي ڀيرا صبوح ۽ شام، تنهنجن قدمن جو آهٽ ٻڌڻ ۾ آيو آهي،

۽ تنهنجو قاصد منهنجي قلب اندر لنگهي آيو آهي، ۽ مونکي لڪائيءَ ۾ ڪوٺيو اٿس.

مان نه سمجهي ٿو سگهان ته اڄ منهنجي جيون ۾ لرزش ڇو آئي آهي.

۽ لهرائيندڙ راحت جو احساس منهنجي هردي منجهان روان آهي.

ائين ٿو ڀاسي ته ڄڻڪ منهنجي ڪاروبار سميٽڻ جي مهل اچي سهڙي آهي،

۽ هوا ۾ تنهنجي مڌر واهڪا جو ڪومل واس ٿو محسوس ڪريان.

(٤٥)

تو هن جو ٻڌيءَ ٻهر ٻائي هلڪ پڙو ني ڪونهي؟
هو اچي ٿو، اچي ٿو، ٻل ٻل اچي ٿو.
هر گهڙيءَ، هر سمي، هر روز، هر رات،
هو اچي ٿو، اچي ٿو، ٻل ٻل اچي ٿو.
ڪئين ئي گيت ڳايا اٿم، ڪيترن ئي منو ڪيفين ۾،
پر انهن سڀني سرن اهو ئي ٻاڪو پرسڌ ڪيو آهي،
"هو اچي ٿو، اچي ٿو، ٻل ٻل اچي ٿو."

سهاوڻي اپريل جي سگنڌمئي مند ۾، جهنگل جي پيچرن مان هو اچي ٿو، اچي ٿو، ٻل ٻل اچي ٿو.

جولاءِ ۾ چوماسي جي آڪاڪائيءَ ۾ راتين جو بادلن جي گرجندڙ رٿ ۾ هو اچي ٿو، اچي ٿو، ٻل ٻل اچي ٿو.

هر دک ۽ ڪليش ۾ اهي هن جا ئي چرڻ آهن جي منهنجي هردي کي چپن ٿا ۽ هن جي چرڻن جو ئي سونو ورنو سپرش آهي، جو منهنجي راحت کي روشن ڪري ٿو.

(۴۸)

صبوح جي سانت واري ساگر پکين جي گيتن جي ڇولين سان ڇاڙ لڳو ۽ پنڌ جي پاسن کان هيٺا خوشگوار گل ۽ سون جو خزانو ورڇجي رهيو هئو بادلن جي وڇين مان، جنهن وقت اسان پنهنجيءَ ڌن ۾ ئي پنهنجي راهه وٺي رهيا هئاسين ۽ ڪو ڌيان ئي ڪونه ڏنوسين.

اسان ڪو مزيدار گانا ڳايا ۽ نه کيلو کيلي، نڪو ڪو اسان ولاسين ڳوٺ ۾ سوديءَ لاءِ؛ اسان هڪ حرف به نه ڪڇيو ۽ نڪو ڪو مشڪيو؛ اسان واٽ تي ماٺهالدو به ڪونه ڪيو. اسان پنهنجي وک وڌائي وڌيڪ ڪڍي، جئن وقت پئي وڃي تيزيءَ سان گذرندو.

سورج آسمان ۾ ڪاپار لائين چڙهي چڪو هئو ۽ ڳيرن چانوريءَ ۾ پئي "گهو گهو" ڪئي، سڪل پن پئي نچيو ۽ ڦيرانيون ڪاڏيون منجهند جي لوءِ ۾.

ريڍار ڇوڪر اڙ جي درخت جي ساٿي ۾ پئي گهيرٽ ڪاڍا ۽ خواب لڌا ۽ مان پنهنجو پاڻ جهل جي پاسان ليٽي پيس گاهه مٿان پنهنجن ٿڪل عضون کي ٽيڙي پکيڙي ڇڏيم.

منهنجا سنگتي، منهنجي حقارت وچان مذاق اڏائڻ لڳا. هنن پنهنجا ڳاٽ مٿي ڪيا ۽ جلد ۾ هليا ويا؛ هنن ڪنڌ ورائي پٺيان نهاريو به ڪونه ۽ نه ڪو آرام ئي؛ هو دور دور نيلي ڌنڌ ۾ گم ٿي ويا. هو ڪيترا ئي چراگاهه ۽ ٽڪريون پار ڪري ويا ۽ ڌارين ڏيهن مان لنگهي ويا.

(٤٧)

لڳي ٿو ساري رات وڃامي وئي آهي اجائي هن جي اوسيئڙي ۾. الڳهو اٿم ته متان صبوح ساڻ اوچتو ئي نه اچي سهڙي منهنجي ڀيڙي وٽ، جڏهن ٿڪاوٽ سبب مان ڪهڙو ننڊ ۾ هجان.

مترو، هن لاءِ راه کليل ڇڏي ڏيو، هن کي روڪيو نه.

جيڪڏهن هنجي قدمن جي آهٽ ڪري جاڳ نه ٿئيم، ته به مونکي اٿارڻ جي ڪوشش نه ڪجو، مان منٿ ٿو ڪريان.

چاهيان ٿو نه پکين جي ڏمڪر واري سر ـ سنگيت سان به ننڊ مان نه اٿان.

۽ نه صبوح جي روشنيءَ واري اُتسو ويلي هوا جي هنگامي سان ٻرڻ.

ڀل اوچتي مونکي سمهڻ ڏيو، اگر منهنجو ناٿ به ڪٿي اوچتو منهنجي در تائين هليو اچي.

اف، منهنجي ننڊرا پياري ننڊرا، جا ترسيل آهي غائب ٿيڻ لاءِ صرف هنجي ڇهاءَ سان.

او، منهنجون ٻوٽيل اکيون جيڪر کولينديون صرف هن جي مرڪ مهڪ سان، جڏهن هو اچي بيهندو آهون سامهون پرگهٽ ٿي ننڊرا جي انڌڪار مان سپني جيان.

بلاشڪ حاضر ٿئي هو منهنجي اکين اڳيان پهرين سڀني پرڪاشن ۽ سروپن کان اڳ ۾ ٿي.

هن جي نگاه سان ٿي پلي نه منهنجي سجاڳ آتما ٿي ملي پهرين ٿي آنند جو لطف.

۽ پوءِ منهنجو سماڻڻ ٿئي ترت ئي سماڻڻ هن ۾.

(٤٩)

تون پنهنجي سنگهاسن تان لهي هيٺ آئين ۽ اچي منهنجي جهوپڙيءَ جي اڳي وٽ بيٺين.

مان هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ صرف پنهنجي منهن لاءِ ڳايو ۽ آلاپ تنهنجي ڪن تي پهتو.

تون لهي هيٺ آئين ۽ اچي منهنجي جهوپڙيءَ جي اڳي وٽ بيهي رهئين.

تنهنجي دربار ۾ گهڻائي ڪلاونت آهن ۽ لڳاتار سنگيت پيو ڳائجي.

پر هن نوبل جي سادي سر تنهنجي پريم کي ڇهڙي ڇڏيو.

هڪ ننڍو سوز ڀريو آلاپ، جنهن ۾ رليل هئو پرڪرتيءَ جو مهان سنگيت ۽ انعام طور هڪ ڦول کڻي تون لهي هيٺ آئين ۽ منهنجي جهوپڙيءَ جي اڳي وٽ ئي اچي بيٺين.

اڄ بسنت جا پهلوان پالڪيڙا، لو ڪيرون لهيون. ٽڙلهاڙي ۾
ٽڪماڙي ٽنبيون موسمي آئي لاءِ، ليڪن موڙ ۾ ڪو الساڻ ٽي
موڪ ۾ ڪوله ڏٺاٿون. مان پنهنجو پاڻ ڪوهي ويٺو هوس خوشگوار
پيهڙلي جي عميقي ۾ — ڏٺڙلي راحت جي ساڻي ۾.

سوره — پرمت ۾ ٻل سهڙ آپاٽڪاڻي جو سنتوش منهنجي
هردي مان آهستگي سان پسرجي واو. مان پلڄي ويو
هوس ته ڇاجي لاءِ سفر لئي نڪتو هوس ۽ پنهنجي من کي
بيان ڇڪتاڻ جي پاڇن ۾ گيتن جي مايا کي ارپڻ ڪري ڇڏيم.
آخر جڏهن ننڊ مان جاڳيس ۽ اکيون پٽيم ته ڏٺوڪي پير ۾ پيٺل
ڏٺم. منهنجي ننڊ را ڪسي پنهنجي مشڪ سان پلڻان پلت
پسري ڪئن ته مان ڏڄي ويو هوس ته راهه لنبي آهي ۽
ٽڪائمدز ۽ لو ڏاڻن پهچڻ ۾ ڪمت هئو مها ڪئن!

(٥١)

رات اونداهي ٿي وئي، اسان جا ڏينهن جا ڪم ڪاج پورا ٿي چڪا هئا.

اسان سوچيو ٿي ته رات وارو پويون مهمان اچي ويو هو ۽ ساري ڳوٺ ۾ در - بند ٿي چڪا هئا.

صرف ڪن چيو ٿي ته باقي راجا اچڻو آهي.

اسان کلي ڏنو ۽ چيو، "نه، ائين ٿي نٿو سگهي!"

ائين لڳو ڄڻڪ دروازي تي کڙڪا ٿيا ۽ اسان سوچيو ته هوا کان سواءِ اهو ٻيو ڪجهه به نه هوندو.

اسان ڏيئن وسايون ۽ ليٽي سمهي پياسين.

صرف ڪن چيو، "اهو ڪو ته قاصد آهي!"

اسان کلي ۽ چيو، "نه، اها هوا ئي هوندي!"

اڌ رات جو هڪ آواز ٿيو. اسان ننڊ اکيوئي ۾ سمجهيو ته اهو ڪا ڏور واري گجگوڙ هوندي.

ڌرتي ڏڏي، ديوارون لڏيون ۽ اسان کي اکيون ننڊ ۾ هلاڪ ڪرڻ لڳي.

صرف ڪن چيو اهو ڦيٿن جو آواز هو.

اسان ننڊ اکيوئي ۾ ٻڙ ٻڙ ڪري چيو، "نه، اهو هوندو بادلن جو گجگوڙ!"

رات اڃا ڪاري ٻاٽ هئي، جڏهن دهل وڳو. آواز آيو:
"جاڳو! دير نه ڪريو!"

اسان پنهنجا هٿ رکي پنهنجون ڇاتيون دٻايون ۽ ڊر وچان ڏڪڻ لڳاسين.

(٥٠)

ڳوٺ ۾ رستي تان در در پنندو هلندو ٿي ويس، ته تنهنجو سونو رٿ پري کان ٿي ڏسڻ ۾ آيو، جڻ هڪ جهلڪيدار سپنو، ۽ عجب لڳم ته ڪير هوندو هيءُ شاهن جو شاهه! منهنجون آشائون اڀريون ۽ سمجهيم ته منهنجي ڏکين ڏينهن جي پڄاڻي ٿي چڪي هئي، ۽ مان اڻ گهريءَ ڀيک ملڻ لاءِ اوسيئڙو ڪندو هوس ۽ چوڌير مٽيءَ ۾ ٽڙيل پکڙيل ڌن لاءِ.

رٿ اچي کڙو ٿيو جتي مان بيٺو هوس.

تنهنجي نگاهه مون تي پيئي ۽ تون مرڪندو لهي هيٺ آئين. احساس ٿيم ته آخر منهنجي جيون ۾ خوشنصيبي آئي هئي، تڏهن تو اوچتو پنهنجو هٿ ڊگهيڙو ۽ پڇيو، "تو وٽ ڇا هي مونکي ڏيڻ لاءِ؟"

اوهو، ڇا نه هئي اها شاهاڻي ٺٺولي جو پنهنجو هٿ ڦهلائي هڪ ڀڪاريءَ کان ڀيک گهري! مان منجهي پيس ۽ هڪو ٻڪو ٿي بيهي رهيس ۽ پوءِ ٿيلهيءَ مان آهستگيءَ سان ننڍڙو ذرڙو ان جو ڪڍيو ۽ توکي ڏنم.

ليڪن منهنجي حيرت جي حد ٿي ڪانه رهي جڏهن شام جو مان پٽ تي پنهنجي ڦوڙهي خالي ڪئي ته ڏٺو هڪ ننڍڙو ٽڪڙو ڏاڍو سون جو انهيءَ ڍڳڙيءَ ۾.

مون زار زار رنو ۽ چاهيم ته ڇو نه جيڪر توکي دل و جان سان سڀ ڪجهه ڏئي ڇڏيو.

(٥٣)

چاهيم ٿي توکان گهري وٺان — ليڪن همت نه ٿي ڪالهه تنهن-
تنهنجي گلي وارو گلاب جي گلن جو هار.

تنهن ڪري صبوح لئي ٿائين ترسيس ته جڏهن تون اُسهي ويندين هليو ته مان پوءِ پلنگ ڪجهه ذرا ٽڪرا بستري تان.
۽ ڀڪاريءَ جيان اُسر ويلي ڳولهڻ لڳس صرف هڪ ٻه رُلل ڪِرل پنکڙي.

اڙي مان، ڇا لڌو لڌم مان؟ پنهنجي پيار جي نشاني ڪهڙي ڇڏي وئو هئين؟ اهو گل ناهي، نه ته ڪي مصالحا، نه ته ڪا خوشبودار پاڻيءَ جي صراحي. اها آهي تنهنجي طاقتور تلوار، جا چمڪي ٿي آگ واڱر، ڀيانڪ ڇهڙو گجگوڙ جو ڪڙڪو.

ڪوڪڪيءَ مان نڪتو اچي ٿي صبوح جي ڪومل روشني، ۽ ڦهلائي ٿي ڇڏي ان کي تنهنجي بستري تي.

صبوح جو پکي "چون چون" ڪري اچي ٿو، "ناري، تو ورتو ڇا هي؟" نه، اهو ڪو گل ناهي، نه ته ڪي مصالحا، نه ته ڪو خوشبودار پاڻيءَ جي گلابداني — اها آهي تنهنجي ڀيانڪ شمشير. مان ويٺي عجب ۾ اکيون اٽڪايو ڪنديس آهيان، ڪهڙي آهي هيءَ تنهنجي سوغات! مون ڪان نه اها جڳهه ٿي ڳولهي لڌي جتي ڪٿي هن کي لڪايان. مان ڪمزور آهيان ۽ شرم ٿو ٿئيم ته هنکي پهري ڪٽان ۽ جڏهن ڇاتيءَ سان ٿو لڳايانس ته مونکي عذاب ٿي ڏئي. اهڙي

ڪنهن چيو، ”ڏسو اها آهي راڄا جي ڌڄا!“

اسان پنهنجي پيرن ڀر اٿي کڙا ٿياسين ۽ رڙيون ڪري چيوسين، ”دير ڪرڻ لاءِ وقت ئي ڪٿي آهي!“

راڄا اچي سهڙيو آهي — ليڪن، شمعدان ڪٿي آهن؟ ڪٿي آهن ڦول مالهائون؟ سنگهاسن ڪٿي آهي، هن کي براجمان ڪرڻ لاءِ؟

اڙي حيف، او بلڪل حيف! ڪٿي آهي ڪمرو ۽ سجاوت سامگري؟ ڪنهن ٻه نه آکيو، ”بيڪار آهي هي رڙ واڪرا! خالي هٿن هن جو سواگت ڪريو ۽ آگمن ڪريو هن جو پنهنجي خالي ڪمرن ۾!“

کولي ڇڏيو دروازا، وڄايو سنک ڪي! آڌيءَ رات آيو آهي اسان جي اونداهي ۽ اُجڙيل گهر جو راڄا. گهگهوڙ گگن ۾ پئي گجي، انڌڪار ڪنوڻ جي ڪارڻ پئي ڪنبي. ڪڍي اچ ٻاهر پنهنجو ڇڳل تڏو ۽ ڪڍي وڇاءِ اڱڻ ۾. آنڌيءَ سان گڏ اچي ويو آهي اوچتو اسان جو ڀيانڪ رات جو راڄا.

(٥٣)

سهڻي آهي تنهنجي ڪنگڻي، ستارن سان سينگاريل ۽
گوناگون رنگين جواهرن سان جڙيل هوشياريءَ سان، ليڪن
منهنجي لاءِ اُنهيءَ کان به اَڌڪ سندر آهي تنهنجي شمشير،
وڄ جي ور سان، وشنوءَ جي پکڙيل پرن واري غيبي پکيءَ
وانگر پورن طرح سوارو - اُسمه سمي لال جوشيلي روشنيءَ
۾ ٽڪ ٽڪ لٽڪيل.

هو اهڙي لٽڪي ٿو جهڙو آخر پران اوبڙ ڪندو
آهي پيڙا جي آنند ۾ مرتيوءَ جي آخرين وار جي ويليءَ ۾ هوءَ
چمڪي ٿي پورڻ جواليءَ جيان، جا دنيوي حرص کي هڪ ئي
موٽمار شعلي سان ڀسم ڪري ٿي ڇڏي.

سهڻي آهي تنهنجي ڪنگڻي، ستارن جي موتين سان
جڙيل، ليڪن تنهنجي تلوار، او گجگوڙ جا داتا، ٺهيل آهي
بيحد سندرتا سان، جنهن ڏانهن نهارڻ يا جنهن جو ڌيان ڪرڻ
ئي هيبتناڪ آهي.

ھوندي ۽ ھن دنيا جي لوڪ جو شرف ٻنھي مان ۾
سالڪ ھوندس، ھيءَ ٻنھي سوکڙي.

ھن کان پوءِ منھنجي لاءِ ڪوبہ باقي ڪم نہ رھيو دنيا ۽
دين ٻئي ڪيا، ۽ منھنجي ساري ملڪ ۾ اُن ٻي وجھڻي
ٿيندي. ان نہ ھوندي ڪي منھنجو سالڪ ڪري رکيو آھي ۽
ھن کي ٻنھي جھون جو تاج ٻڌائيندس. ٻنھي تلوار
ھون وقت آھي، جنھن سان اُن ٻڌندس ٻنھي ٻڌن، ۽ دنيا
۾ منھنجي لاءِ ڪوبہ ٻيو دين ڪيو.

ھن ڪالھوڻ مان خاص سڀاوت سمگار ليائي، ڪندس،
۽ منھنجي مٽن جا مالڪ، نہ ڪو ھوندو ۾ اوسڙو نہ ڪندن
ڪڙھن ۾ روح راڙو، نہ ڪا ايذا ۽ آھر ھ ۾ ڪو محتاج. تو
ھولکي ٻنھي تلوار جو سھڻو ڪري جھڙي آھي سمگار طور،
ھن ڪالھوڻ نہ ڪھي ھولکي ڳنڍي ڳنڍيءَ واري سڀاوت آ.

جو منهنجي لوڪي يادگيري رهي. ليڪن اها يادگيري نه مان
لوڪي منهنجي پياس مٽائڻ لاءِ پاڻي ڏنو هو، منهنجي هردي
مان جهٽڪل رهندي ۽ مدرتا ۾ وڪوڙي رکندس. صبح جي
پهر ۾ اونهو ٿـــي وڃي آهي، اڪي ٿڪل آلاڻ ۾ پهر ڳالهي،
لم جا ماڻ معان ڦـڙ ڦـڙ پيا ڪن ۽ مان وهلو آهيان ۽ پهر
سوچيان ۽ پهر لو سوچيان.

GOPE SIDHWA, B A., S I.C., DMIE.
Special Executive Magistrate,
14/158 Govt. Colony.
KHAR, BOMBAY-400 052.

(۵۴)

مان نه توکان ڪجهه گهرڻ لئي ڪيو؛
مان پنهنجو نالو سوڌو تنهنجي ڪن تائين ڪونه ڪڍيو.
تو جڏهن موڪلايو ته مان خاموش ٿي بيٺو رهيس.
مان کوهه جي ڀر ۾ اڪيلو بيٺو هوس، جتي درخت جو پاڇو پاسيرو پيو پئي هو ۽ ناريون به پنهنجا ڀورا مٽيءَ جا گهڙا ڪنڌن تائين ڀريل کڻي گهر هليون ويون هيون. هنن مون کي سڏيو ۽ وڏي واڪي آکيو، "هلو هلو اسان سان، صبح ٽري منجهند ٿي رهي آهي." ليڪن مان گهڙيءَ پر آلس ڪري بيٺي رهيس اڻ لکن ڀورن جي سوچ ۾ ٿي غلطان ٿي ويس.

جڏهن تون آئين ته مان تنهنجو کڙڪ ٻڌو ئي ڪونه. تنهنجون نگاهون ڏکي هيون جڏهن اهي مون تي پيون. تنهنجو آواز ٿڪل هو، جڏهن تو آهستي ڳالهايو — "اف مان پياسي پانڌيئڙو آهيان." مان پنهنجي ڏينهن ڏٺي راون خوابن مان جاڳي پيس ۽ پنهنجي دلي مان پاڻي تنهنجي ٻڪ ۾ اوتيم. مٿان پن پئي ڦڙڪيا. ڪوئل لڪل اونڌڪار ۾ ڳائي رهي هئي، ۽ ٻٻر جي گلن جي خوشبوءِ سڙڪ جي وڪڙ وٽان پئي آئي.

مان اڃ وچان خاموش ٿي بيٺو رهيس، جڏهن تو منهنجو نالو پڇيو. سچ پچ ته تنهنجي لاءِ ڀلا مان ڪجهه لئي جا ڪيو

(٥٦)

اهڙيءَ طرح تنهنجو آنند ڀرپور ٿيل آهي مون ۾.
اهڙيءَ طرح تون هيٺ آيو آهين مون وٽ. اڙي تون ساري
سرشٽيءَ جا سوامي، ته ته ڪيڏانهن وڃي هان تنهنجو پريم،
جيڪڏهن مان نه هجان هان؟

تو ته مونکي هن دولت ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪري ڇڏيو
آهي. منهنجي هردي اندر تنهنجي انت آنند جي ليلا
آهي. منهنجي اندر ۾ تنهنجو ڀاؤ سدا صورتمان ٿي
پيو ٿئي.

جنهن ڪري ئي تون شاهن جو شاهه آهين جو سونهن
سينگار ڪيا اٿئي منهنجي دل لڀائڻ لاءِ، ۽ جنهن ڪري ئي
تنهنجو پريم پنهنجي پريميءَ جي پريم ۾ گوڏجي ٿو وڃي، ۽
اتي ملي ٿو تنهنجو درس ٻنهي جي پورن سنگم ۾.

(٥٥)

ماٺوسي تنهنجي من مٿان سوار آهي ۽ ننڊ جو خمار اڃا تائين تنهنجي اکين تي چڙهيل آهي.

ڇوڪي اڃا سنهو مليو ڪي ناهي ڇا ته گل ڪنڊن جي وچ واهي شان ۽ شوڪت سان حڪومت پيو هلائي؟ جاڳ، اٿي سجاڳ ٿيءُ! ائين نه ٿئي جو وقت اجايو هلي وڃي!

پٿرالين سڙڪ جي پڇاڙيءَ وٽ، اڪيلائي واري پرديس ۾ ويٺو آهي منهنجو ميت اڪيلو ٿي اڪيلو. هن کي دوکو نه ڏجانءِ. جاڳ، اٿي سجاڳ ٿيءُ!

ڇا ٿيو اگر آسمان سهڪي ٿو ۽ لرزي ٿو، منجهند جي سج جي ڏرڪڻ ڪارڻ — ڇا ٿيو اگر تتل واري ڦهلائي ٿي ڇڏي اُڃ جو پلاند — تنهنجي اندر جي اونهائين ۾ آنند ڪونهي ڇا؟ تنهنجي هر قدم هلڻ سان، سڙڪ جو سرندو درد ڀري مڌر سنگيت ۾ نه ڇڙندو ڇا؟

(٥٨)

شل الله جي سڀني آلائن جو سگهر مهڻي العر ڪيٽ ۽ لي لئي —

اهو الله جو ٻُٽالي ٻرٽوءَ ڪي، ڪري لو اڏلائي طرح سرسڙو ؛

اهو الله جو لهالي لسر جيون ٻرلهوءَ جي ڄاڙن ٻاون کي هيڏيءَ ساريءَ ٻرلويءَ لي ؛

اهو الله جو ڪهنجهي اهي ٿو آلڏيءَ سهس، جو ساري جيون ڪسي ڏولڏاڙي ڄاڳالي لسو هسيءَ سان ؛ اهو الله جو آسون اري رهي ٿو مالد موسڻ ۽ دڙد ٻرال ڙڙال لال ڪمول ڦول لي ؛

؛ اهو الله جو سڀ ڪجهه جڪي ٻه الس اهو ڇلائي لو هلڏي زمين لي ؛ ڪڏهي هڪ حرف ٻه لٿو.

(٥٧)

جوت، مهنجي جوت، سرشٽي روشن ڪندڙ جوت، نيڻ سرور ڪندڙ جوت، من مٺو ڪندڙ جوت!

او جوت نچي ٿي، مهنجا پرينم، مهنجي زندگيءَ جي ميدان ۾.

جوت ٽاڪي ٿي، مهنجا پرينم مهنجي پرم جي تندن کي.

آسمان صاف ٿيو آهي، واءُ زور سان ڊڪندي ٿي رهي.

کل ڌرتيءَ مٿان گهمندي پئي وڃي. پتنگن پنهنجا سڙھ جوت جي ساگر مٿان کولي ڇڏيا آهن.

چنبيلي ۽ سوسن گل جوت جي لاٽ لهرن جي چوٽيءَ مٿان اڀا اُسرن.

هر ميگهه لاءِ ونڊ جي جوت سون ڳري لي پئي آهي، مهنجا پرينم، ۽ جهجها لي مولي اڻ ڳڻي ٻکري.

موج هڪ پن کان ٻئي پن تائين ڦهلجي وئي آهي، مهنجا پرينم، ۽ آنند اڻ ميو. گگن جي نديءَ پنهنجا ڪنارا ٻوڙي ڇڏيا آهن ۽ آنند مع اُتل ٻري هلي وئي آهي.

(٦٠)

اننت سرشٽين جي ساگر ڪناري تي ٻار ملن ٿا. مٿي اننت آسمان مٿي مٿان اسٿر آهي. ۽ چنچل جل شوربلو آهي. اننت سرشٽين جي ساگر ڪناري تي ٻار مڙي رڙين واڪا ڪن ٿا. ۽ نچن ٽپن ٿا.

هو رتيءَ سان پنهنجا گهرڙا اڏن ٿا ۽ خالي ڪوڏين سان راند روند ڪن ٿا. سڪل سڱال پنن مان ٻيڙيون ٺاهين ٿا ۽ مرڪندي انهن کي تارن ٿا اٿاهه ساگر ۾. ٻارڙا ڪن ٿا پنهنجي راند روند سرشٽين جي سمندر ڪناري تي.

هنن کي ترڻ اچي ڪونه، کين ڄار وجهڻ جو ڏانءُ ئي ڪونهي. موتين جا ٽوبا موتين لاءِ گهتون هڻن ٿا، واپاري جهازن ۾ سفر ٿا ڪن، جڏهن ٻارڙا ٺڪر ڪٺا ڪن ٿا ۽ وري اڇلائي ٿا ڇڏين. هو لڪل خزانو پڻ ڳولين ئي نٿا، کين ڄار ڦهلائڻ اچڻي ڪونه.

ساگر هسيءَ سان مٿي ڇلي ٿو ۽ سمندر جي ڪناري جي مرڪ پيلي ٿي چمڪي ٿي. موتمار موجون بنان مطلب گيت ڳائن ٻارڙن لاءِ، جيئن ماءُ ڪندي آهي ٻارڪ جي هندوري کي لوڏيندي. ساگر کيڏي ٿو ٻارڙن سان ۽ سمندر جي ڪناري جي مرڪ پيلي ٿي چمڪي ٿي.

اننت سرشٽين جي ساگر ڪناري تي ٻارڙا اچي ٿا گڏجن. طوفان ڀٽڪي ٿو اڻ واٽ آڪاس ۾، غوراب غرق ٿي وڃن ٿا اڻ ٿاڪ سمندر ۾، موت ميدان پٽيل آهي ۽ ٻارڙا پيا رانديون ڪن. اننت سرشٽين جي سمندر ڪناري تي لڳي ٿو وڏو ميڙاڪو ٻارڙن جو.

(٥٩)

ھائو، سڌ اٿم ته تنھنجي پيار کان سواءِ ٻيو ڪجھ نه آھي، منھنجي من جا ميت — ھيءَ سونھري روشني جيڪا نچي نچي ٿي پنن تي؛ ھي رمتا بادل جي آسمان ۾ ترندا وڃن ٿا، ھيءَ لانگھائو ھير جيڪا منھنجي نرڙ تي ٿڌاڻ ڇڏيندي ٿي وڃي،

صبوح جو پرڪاش منھنجي نيڻن مٿان اٿلي پيو آھي— اھو آھي تنھنجو سنديش منھنجي ھردي لاءِ. تنھنجو مکڙو آھي نوڙيل مٿان، تنھنجا نيڻ جھڪي ملن ٿا منھنجن نيڻن سان ۽ منھنجي سِرُ ڇھيو آھي تنھنجي چرڻن کي.

GOPE SIDHWA, B.A., S.L.C., DMIE.
Special Executive Magistrate,
14/158 Govt. Colony,
KHAR, BOMBAY-400 052.

(٦٣)

جڏهن به مان تو وٽ ڪٺي ايندو آهيان رنگبرنگي رانديڪا، منهنجا ٻار، سڌ اٿم ته ڇو آهي اهڙو تماشو رنگن جو ٻادلن ۾، جل ۾، ۽ ڇو آهن گل ڦل رنگن سان — جڏهن ڏيندو آهيان رنگين رانديڪا توکي، منهنجا ٻالڪ.

جڏهن به مان توکي نچائڻ لاءِ ڳائيندو آهيان، مان سچ پچ سمجهان ٿو ته ڇو پنن ۾ سنگيت ڀريل آهي، ۽ ڇو ڇولهون سر سنگم آواز موڪلينديون آهن سرچ سان سڻندڙ پرٿويءَ جي هردي ڏانهن.

جڏهن به مان تول مٺايون آڻي تنهنجي لالچي هٿڙن ۾ ڏيندو آهيان، سڌ اٿم ته جو مڌ ڀريل آهي ڦول جي ڏوڻيءَ ۾ ۽ ڇو ڦل ۾ لڪ - چوريءَ ڀريل آهي مڌ رس — جڏهن مان تول مٺايون آڻي تنهنجي لوڀي هٿڙن ۾ ڏيندو آهيان.

جڏهن به مان توکي مسڪائڻ لاءِ تنهنجو مکڙو چمندو آهيان، منهنجا لاڏلا، پڪي ڄاڻ اٿم ته ڪهڙو نه آهي آنند جو آڪاس مان ارهه ٿٽيءَ جي روشنيءَ جي لهر ٿي ٿو اچي، ۽ ڪهڙي نه راحت آهي جا اونهاري جي هير منهنجي جان ۾ ٿي آڻي — جڏهن مان توکي مسڪائڻ لاءِ توکـــي چمندو آهيان.

(٦١)

ننڊرا جيڪا ٻالڪ جي اکين مٿان پئي لامارا ڏئي — آهي ڪنهن کي ڪل ته اها اچي ڪٿان ٿي؟ هائو، اهو افواهه آهي ته انهيءَ جو نواس آهي هڪ پرين جي ڳوٺ ۾، ٽانڊاڻن جي ڌنڌلي روشن ڪيل جهنگل جي ڇانوَن ۾ چمڻ لاءِ جڙي آهن ٻه شرميلون موهيندڙ مکڙيون، اتان ٿي اچي اها ٻالڪ جي نيڻن کي چمڻ لاءِ.

ٻالڪ جڏهن ننڊ ۾ آهي ته مرڪ ٻالڪ جي چپن تي لهرائي ٿي — آهي ڪنهن کي ڪل ته اها ڪٿي جنمي هئي؟ هائو اهو افواهه آهي ته ٻهراڻ ماهه چنڊ جي ننڍڙي پيلي ڪرڻ غائب ٿيندڙ بادل جي ڪنار کي ڇهيو هيو ۽ اتي هن ماڪ - ڌوتل صبوح جي سپني ۾ پهريائين مرڪ جو جنم ٿيو — مرڪ جيڪا سمهڻ پئي ٻالڪ جي چپن تي اچي لهرائي.

مٺڙي، ڪومل تازگي جيڪا ٻالڪ جي انگن تي ڦراجي ٿي — آهي ڪنهن کي ڪل ته ڪٿي هئي لڪل هيل تائين؟ هائو، جڏهن ماتا هڪ ننڍڙي نينگر هئي، پريم سمايل هئي هن جي هردي ۾ پيار جي ساڃاهڪي ۽ ڪومل ڳجهارت ۾ — مٺڙي، ڪومل تازگي جا ڦولي آهي ٻالڪ جي انگن ۾.

(٦٤)

اُڃارڪيءَ نديءَ جي لاهيءَ تي، ڊگهي اگاه جي وچ ۾، مون کانئس پڇيو، "ڇوڪري! ڪيڏانهن تون وڃين ڏيئو کڻي پنهنجي آنچل سان ڍڪيندي؟ منهنجو گهر گهور انڌارو آهي ۽ اڪيلو — مونکي پنهنجي روشني ته ڏي!" هن پنهنجون ڪاريون اکيون گهڙي کن مٿي کنيون ۽ منهن اونداهيءَ ۾ منهنجي منهن ڏانهن نهاريائين. "مان نديءَ تي آئي آهيان"، هن ٻڌايو، "مان هيءَ جوت نهر ۾ اُلارڻ آئي آهيان، جڏهن ڏينهن جو پرڪاش اولهه ۾ سمائجي ويندو." مان اڪيلو ٿي بيٺو رهيس ڊگهي گاهه جي وچ ۾ ۽ ڏٺي جاچم ته جهٽي لاٽ داپ جي ڇوليءَ سان بيڪار چلندي پئي رهي.

چانڊوڪيءَ رات جي شانتيءَ ۾، مون کانئس پڇيو، "ڇوڪري تنهنجي ته سڀئي ڏيئن وٽيون چڙهي چڪيون آهن — پوءِ تون هيءَ جوت ڪيڏانهن پئي کڻي وڃين؟ منهنجو گهر گهور انڌارو آهي ۽ اڪيلو، — مونکي پنهنجي روشني ته ڏي." هن پنهنجون ڪاريون اکيون مٿي کڻي منهنجي منهن ڏي ڪيون ۽ کن ساعت شڪجي بيهي رهي. "مان آئي آهيان،" آخر هن آکيو، "آڪاس کي هيءَ جوت ڀيٽ ڪرڻ لاءِ." مان بيٺو رهيس ۽ ڏٺي جاچم هن کي هڪ انڌاري خال ۾ نسقل جوت جلائيندو..

سواءِ چنڊرمان واريءَ رالوڪي ڏنڌ ۾، مون کانئس پڇيو، "ڇوڪري، ڇا لاءِ آهي تنهنجي هيءَ لوچ جوت کي پنهنجي

(٦٣)

تو ئي ته ڪرائي آهي منهنجي جاڻ سڃاڻ مترن سان، جي منهنجا جاڻل سڃاڻل به ڪونهن. تو مونکي جڳهه ڏني آهي مڪانن ۾ جي منهنجا آهن ئي ڪونه. تو دوريءَ کي نزديڪ آندو آهي ۽ اجنبيءَ جو بڻايو آهي ڀاءُ.

مان من ۾ بي آرام ٿو ٿيان جڏهن مون کي رهيل مهل ڇپو ڇڏڻو ٿو پوي. مان ڀلجي ٿو وڃان ته نئين ۾ پراڻو سمايل آهي ۽ تنهنجو به ته اتي ئي نواس آهي.

جنم ۽ مرڻ دوران، هن سنسار ۾ يا ٻين ۾، تون ئي رهنما آهين، ساٿي تون ئي، هڪڙو ئي ساٿي منهنجي ابدي جيون جو، ۽ هردم آنند جي ڳنڍڻ سان تون منهنجي هردي کي اڻ واقفڪارن سان ڳنڍين ٿو.

ڪير به جيڪڏهن توکي ڄاڻي، ته ڪو به اوپرو اهڙي ئي ڪونه، نڪي ڪو به در بند آهي ئي ڪونه. اي، سويڪار ڪر منهنجي آرزو ته شل مان ڪڏهن به نه گنوايان مڪمتا انيڪن جي کيل ۾ ڪنهن هڪ جي ڇهاءَ ۾ سو:

(٧٦)

ڪهڙي آلهڪ چڪي پهچندي آهيون، منهنجا پيڱولس، هن منهنجي جيون جي ڪنن مٿان ڇانئڻ پيالي مان؟

منهنجا ڪوي، اهو ۾ لئي آهي لئهنجي راحت لاءِ پنهنجي حالت کي تون ڏسين منهنجي اکين جي ذريعي ۽ منهنجي ڪنن جي حاطي ۾ خاموش ٿي ڪن ڏيڻي ٻڌان پنهنجو ئي ابدي سنگيت سنگيت؟

منهنجي ڪائنات اٿي لئي منهنجي من ۾ ناچي - پنهنجو شبد ن جو ۽ لئهنجي ليلا آهي الهيءَ ۾ سنگيت سنگم ڪري ٿي جي.

تون پنهنجو پاڻ کي ارپڻ ڪري ڇڏين ٿو موٽڪي موهه ۾ ۽ ٻوهه احساس ڪران ٿو پنهنجي لئي سموري مٺڙايا مون ۾.

هردي سان لڳائڻ سان؟ منهنجو گهر گهڻو انڌارو آهي؛
اڪيلو — مولڪي منهنجي روشني نه ڏي." هوءَ گهڙي پر
لمحي پئي؛ سوچيائين؛ اونده ۾ گهر ڪري منهنجي مٽين
۾ لهارائين، "مان منهنجي جوت آندي آهي." هن ورائيو،
جوڙين جي جهڙن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ مان پنهنجو نئين رهيس؛
جا چمر ا. هن جي ننڍڙي جوٽي پڪار ان جوڙن جي وچ ۾
ڪوهجي واٽي.

(٦٧)

تون ئي آسمان آهين ۽ تون ئي آهين آشيانو.

او، تون سونهن، اُتي ۽ آشياني، ۾ آهي تنهنجو پيار، جو اُڃيءَ جلدي ٿو هردي کي رنگن ۽ آوازن جي واسن سان.

اُتي اچي ٿو صبح پنهنجي ساڄي هٿ ۾ کڻي سونهري ٽوڪري سندرتا جي مالا سان ساڻيڪيءَ ۾ پرٿويءَ کي ڍڪائڻ لاءِ.

۽ اُتي اچي ٿي شام پيورن جي هلي وڃڻ بعد، بيابان پٿن - ليڪان جي پيچرن وارن چراگاهن تي، پنهنجي سمنڊ مان پنهنجي سونهري گهڙيءَ ۾ شانتيءَ جا ٿڌي هوا جا ڇهُڻا کڻي.

پر اُتي جتي اڪاس پکڙيل آهي آتما جي اڏامڻ لاءِ. اتي صاف سفيد پرڪاش راڄ ٿو ڪري. اتي ناهي ڏينهن نه رات، نه ڪو روپ، نه ڪو رنگ ۽ ڪڏهن، نه ڪڏهن، نه ڪو حرف به.

(٦٦)

هوءَ جا منهنجي وجود جي گهراين اندر رهندي هئي، پرهه ڦٽيءَ جي ڀاڪن ۽ نظارن ۾، هوءَ جنهن صبوح جي پرڪاش ۾ ڪڏهن پڙدو ڪين لاٿو هئو، منهنجا ڀڳوان، اها تنهنجي لاءِ منهنجي انتم ڀيٽ، منهنجي اڄ انتم گيت ۾ ويڙهيل.

شبد ۽ رجهائي هن کي جيتڻ ۾ ناڪامياب ٿيا آهن؛ پرڪاش پڻ پنهنجون ٻانهون هن ڏانهن لمقل ڊگهيرون آهن.

مان هن کي هردي جي وچ ۾ سانڍيندو ديس پرديس ڀٽڪيو آهيان ۽ هن جي چوڌاري چڙهندون ۽ لهندون آهن منهنجي جيون جون پرگتيون ۽ درگتيون.

منهنجي وچار ۽ آچرڻ، منهنجي ننڊرا ۽ سپنن تي هن جي حڪومت ٿي هلي آهي، تنهن هوندي ۽ هوءَ رهندي آهي اڪيلي ۽ الڳ.

ڪيترن منهنجو دروازو کڙڪايو آهي ۽ هن بابت پڇيو، الائون ۽ نراش ٿي واپس هليا ويا آهن.

سرشٽيءَ ۾ ڪير ۽ ڪونه هئو جنهن هن کي ڪڏهن ۽ منهان منهن ڏٺو هجي، ۽ هوءَ اڪيلائيءَ ۾ رهي آهي تنهنجي سڃاڻپ جي اوسيئڙي ۾.

(٦٩)

ساڳي ئي جيون ڌارا جيڪا منهنجن نسن مان ٿي رهي
اسدن، جا وهي ٿي ساري سرشٽيءَ مان ۽ نچي ٿي تال
انداز سان.

اها ساڳي ئي جيون آهي جيڪا خوشيءَ وچان بيشمار
گاهه جا پن ئي، ڦٽي ٿي ڌرتيءَ جي ذرڙ مان ۽ ڦاٽي ٿي پنن
۽ گلن جي شور مچائيندڙ ڇولين ۾.

اها ساڳي ئي جيون آهي جا جهولي ٿي جيون مرتيو
جي سمنڊ هندوري ۾، ڀيٽ مٿي ۽ وهڪري ۾.

مان محسوس ڪريان ٿو ته منهنجا انگ شاندار ٿيل
آهن، جيون جي هن سرشٽيءَ جي سپرش سان. ۽ جڳن جڳن
جو جيون سراس جيڪو هن گهڙي منهنجي رت ۾ نچي ٿو رهيو
آهي، انهيءَ ۾ آهه فخر اٿم.

(٦٨)

منهنجيءَ هن ڌرتيءَ ڏي ٻانهون ڊگهيڙي اچي ٿو سج جو ڪرڻو ۽ اچي بيهي ٿو منهنجي ٻاريءَ تي سڄو سارو ڏينهن واپس کڻي وڃڻ لاءِ منهنجن آنسن ۽ آهن ۽ گيتن مان ٺهيل بادل تنهنجي چرڻن لاءِ.

تنهنجي ستارن - سينگاريل سيني کي ويڙهين ٿو اڪير ڀريل راحت سان اهو آنچل ڌنڌلي بادل وارو ٻڌ لائي ڇڏين ٿو انهيءَ کي بيشمار صورتن ۽ ٺهن ۾ ۽ رڱين ٿو انهيءَ کي سدائين بدلجندڙ رنگن سان.

هو ايترو ته هلڪو آهي ۽ اڏرو ۽ اڏرندڙ، نازڪ ۽ رُئڻهارڪو ۽ سانورو، جنهن ڪري ئي تون هن کي چاهين ٿو، او تون صاف ۽ سوڀيڪ. ۽ انهيءَ ڪري ئي هو پنهنجي پوائتن ڇانون سان تنهنجي ڀيانڪ سفيد پرڪاش کي ڍڪي ڇڏي.

(٧)

مان ھنھنجو ٻار کي وڏي وٿ ڪري ۽ انھيءَ کي چوگرد ڦرائي گهمرائي، تنھنجي ليج سان ھنھنجا رنگين ٻاچا لاهي ٻڪرڙيان — اھڙي ئي آهي تنھنجي مايا.

تون ئي ھنھنجي وجود ۾ هڪ ديوار کڙي ڪرين ٿو ۽ پوءِ وري الڳ الڳ ٻار ڪري سڏين ٿو. ڪوناگون سرن ۾. اھا تنھنجي ٻار کان الڳتا سماڻي ويئي آهي سراپا ٿي موڙن ۾.

سونهرو گاڙهو ساوي آسمان ۾ رنگبرنگي آنسن ۽ مسڪراهٽن ۾ اندھين ۽ آسن ۾ پڙاڏو ٿي وڃي ٿو ۽ چولهو ن مٿي چڙھي، وري هيٺ لهن ٿيون، خواب ٿين ۽ ڊهن ٿا. موڙن ۾ ماٺل آهي تنھنجي ھنھنجي اهم جي هار.

هي ۽ پڙدو جهڪو ئو لنگھو آهي سو ڏينھن رات جي برش سان اڻڳڻيا شڪلين سان چٽيل آهي. تنھنجي آسڻ جي ڀولڻان ائيل آهن وچتر وڙ وڪڙ ڳجھه، جي سونهاليءَ وارن سڪٽين رنگان کي مٿاڇي ٿا چڙهن.

تنھنجو ۽ منھنجو اوچو شان شوڪت ساري آڪاس ۾ ڦهلجي ويو آهي. تنھنجي ۽ منھنجي ترانن سان، ساريءَ واءُ ۾ لرزش اچي ويئي آهي، ۽ ٻگن جا ٻگ اوڪي موڪي ڳرڻهنديءَ ئي لڪي وڃن ٿا.

(٧٠)

هن سرگم جي آنند سان، توکي راحت پراپت ڪرڻ تنهنجي وس کان ٻاهر آهي ڇا؟ لڙهجي ۽ ڪوهجي ۽ ٽڪرجي هن خطرناڪ خوشيءَ ڦِرَڻ ۾؟

سڀئي ڦيرو ڌوڪيندڙيون اڳتي ڌوڪيندڙيون هلن ٿيون، اهي رڪجن نٿيون، اهي پٺيان نهارن به نٿيون، ڪابه شڪتي انهن کي پٺتي روڪي نٿي سگهي، هو ڌوڪيندڙيون اڳتي هلن ٿيون.

لڙ ڦڙندڙ تيز رفتار گاني سان هم قدم ٿي ڪري، موسمون نچنديون ٽپنديون اچن ٿيون ۽ لنگهي هلييون وڃن ٿيون — رنگ، سر ۽ خوشبوئون وهن ٿيون انهيءَ آنند ۾ جا اڻت آبشار ٿي، ٽڙي پکڙجي ٿو وڃي ۽ سمورو ڪري ڇڏي ٿو ۽ هر گهڙي ختم ٿي ٿو وڃي.

(٧٣)

منهنجي لاءِ مڪتي تياڳ ۾ ناهي. مان رهائيءَ جي ڀاڪر ۾ ئي هزارين بندن جو آنند ماڻيان ٿو.

نت نئون نئون نائين تو لئون چڪو منهنجي طرحين طرحين جي رنگن ۽ واسن واري مد جو ۽ ڀري ڇڏين ٿو هيءَ مٽيءَ جو ونو ڪنڌين تار.

منهنجي سرشٽي چڪائيندي سوين ڌار ڌار جوتيون تنهنجيءَ جوتيءَ مان ۽ انهي رکندي تنهنجي ئي مندر جي او جا استان جي سامهون.

نه، مان هرگز نه منهنجن حواسن جا دروازا بند ڪندس. ڏسڻ، سڻڻ ۽ ڇهڻ جي راحتن ۾ لڪي تنهنجي راحت جا احساس آهن.

هائو، منهنجا سڀئي خواب جلي آنند جو شعاع ٿي ويندا ۽ منهنجون سڀ تمنائون پچي پريم ڦل ٿي پوندا.

(٧٣)

هيءَ اهڙي آهي، منهنجي جيءَ جي اندر جيءَ، جو منهنجيءَ جان کي ٿي پنهنجي گهڻ گهرن ڇهائن سان جڳائي ٿو.

هيءَ اهڙي آهي، جو منهنجي نيڻن ۾ پنهنجو جادو هلائي ٿو ۽ مگن ۾ منهنجي هردي جي تندن کي ڇيڙي ٿو گونا گون غم ۽ خوشيءَ جي ساز سرن ۾.

هي اهڙي آهي جو مايا جو جار اُڻي ٿو پلجهندڙ، سون ۽ چانديءَ جي رنگن ۾، نيلا ۽ ساوا، ۽ انهن کي هن جي ڇرن جي انهن منجهان جهليون پائي ڏئي ٿو، جنهنجي سپرش سان مان پاڻ ڀلائي ڇڏيان ٿو.

ڏينهن اچن ٿا ۽ زمانا لنگهي وڃن ٿا. ۽ هيءَ اهڙي آهي جو منهنجي هردي کي طرحين طرحين نالن سان ڇوري ٿو، طرحين طرحين طرزن سان، انهيءَ ڏک ۽ سک جي راحتن سان.

(٧٥)

تنهنجون ٻاجهون اسان ناسوتين جــون ســڀ گهرجون پوريون ڪن ٿيون ؛ وري به ڊوڙي واپس اچن ٿيون تو وٽ گهٽجڻ کانسواءِ.

ندي، کي هر روز پنهنجو ڪاروبار آهي ئي آهي ؛ ڊوڙندي وهندي پيئي وڃي کيتن مان ۽ ڳوٺڙن مان ؛ ليڪن هن جو اکنڊ وهڪرو وڃي وڪڙ کائي اچــي ٿو تنهنجي چرنن کــي ڌوئڻ لاءِ.

ڦول هوا کي پنهنجي هٻڪار جي سڳنڌ سان مٺو بڻائي ٿو ڇڏي ؛ تڏهن به باقي هن جي آخر سيوا آهي پنهنجو پاڻ توکي ارپڻ ڪري ڇڏڻ.

تنهنجي پوڄا سرشٽي، کي ڪو ڪنگال ڪانه ٿي ڪري.
ڪويءَ جي شبدن مان لوڪ اهي ارٿ ڪڍن ٿا جهڙي کين وڻن ٿا،

تڏهن به هنن جي آخري ارٿ جو اشارو تو ڏانهن ئي ٿيندو آهي.

(٧٣)

ٻاهر ڏسڻ اچڻ لئي ڪونهي، اونده ڌرتيءَ تي اچي ويٺي آهي. هاڻي ڏاڍو ٿڪو آهي ته نهر تان وڃي ٻنڌڻو گهڙو ڀري اچان:

سنجها جي هوا منتظر آهي جل جي سوز ڀري سنگيت لاءِ. اڄ هوءَ موکي ٻنهن اولداهيءَ ۾ سڏي رهي آهي. سڀئي گهٽيءَ ۾ ڪوئي لانگهائو نه ڪونهي. هوا تيز آهي؛ نديءَ جون لهرون نه زور شور ۾ آهن.

مان نٿو سمجهان ته مان ڪو موٽي گهر ايندس. مان نٿو ڄاڻان ته اوچتو منهنجي ڪا ڪنهن سان گڏجاڻي ٿي وڃي. ڪانگهي ۾ الهيءَ نڪري ٻيڙيءَ ۾ الاڻي ڪو اڻڄاڻ انسان ٻيڙو ٿو وڄائي.

(٧٧)

مان لوڪي سڃاڻان ٿو ته اُهي منهنجا پراڻا آهن ۽ مان دور کان پهچان ٿو — مان لوڪي پنهنجو نِڪر سمجهان ۽ واقعو ٿيو اچان. مان لوڪي پيار ڪري چاهيان ٿو ۽ انهنجي ڇولن کي کي نوڙان ٿو — مان انهنجو هٿ پنهنجي دوست جو سمجهي ٿيو اڪڙيان.

جتي اُهي هلڪو ٿيندو آهن. الي مان ترسندو ۽ ٿي ڏهيان جنهن مان لوڪي پنهنجو ٿي سمجهان، لوڪي پنهنجي چالي لڳايان ۽ لولي ڪٽي پنهنجو ساٿي ڪريان.

اُهي ته منهنجون پالڻ جي وقت ٻاهر آهن، پر مان ڏيان تي ڪرا ڏيان، مان پنهنجي ڪمائي ته انهن سان ولڊيان کي ڪونه، اهڙيءَ طرح مسان سڀ لوسان ٿــي ورهسندو آهيان.

دڪ ۽ سک ۾ مان انسانن جي پروسي نه رهندو آهيان ۽ اهڙي راحت انهنجي تي سهاري هولدو آهيان.

مان جهڙو اوناڪ ڪري ۾ پهر هڪڙان ۽ انهيءَ ڪارڻ جهڙو جل جي گهرالن ۾ ٿهي اٿو پوان.

(٧٦)

ڏينهن ڏينهن، او ۽ منهنجي پرانن جا سوامي، ڪڏهن به مان تنهنجي اڳيان منهان منهن اچي سگهندس. جوڙيل هٿن سان، او، ساري ڪائنات جا ڌڻي، ڪڏهن به مان تنهنجي اڳيان منهان منهن اچي سگهندس.

تنهنجي اوچي آسمان جي شانت ۽ اڪانت ۾، نهنجي حليم هردي سان، ڪڏهن به مان تنهنجي اڳيان منهان منهن اچي سگهندس.

هن تنهنجي هڙ هڙ جي سنسار ۾، ڪمڪم ۽ ڪهڙ واري گوڙ شور ۾ تمرڪو هلندڙ انبوهن جي وچ ۾، ڪڏهن به مان تنهنجي اڳيان منهان منهن اچي سگهندس.

۽ جڏهن منهنجو ڪارڄ هن سنسار ۾ پورو ٿيندو، او ۽ شاهن جا شاهه، اڪيلو ۽ گونگو ڪڏهن به مان تنهنجي اڳيان منهان منهن اچي سگهندس.

(٧٩)

جيڪڏهن هيءَ جوڳي عرصو منهنجو ناهي جو مان تو سان ملي سگهان هن جيون ۾، ته ڇڏ ته مان اهين ٿي هميشه لاءِ سمجهان ته مان تنهنجو درشن گنوايو آهي — ۽ ڇڏ ته هڪ کن به نه ڀلان، ڇڏ ته هن ڏک جا احساس مان پنهنجن سپنن ۾ ۽ جاڳرت سمي ۾ پڻ پاڻ وٽ ٿي رکان.

جئن منهنجو سمو گذرندو ٿو وڃي، هن ڪپاڪيهه بازار ۾ ۽ منهنجا هٿ ڀريا وڃن ٿا روز مره جي نفعن سان، ڇڏ ته مان اهين ڀوڪيان ته مان ڪجهه به ڪمايو ٿي ناهي — شل مان هڪ ساعت لاءِ به نه ڀلان، ڇڏ ته هن درد جا احساس مان پنهنجن سپنن ۾ ۽ جاڳرت سمي پڻ پاڻ وٽ ٿي رکان.

مان جڏهن رستي جي هڪ پاسي ويٺو هوندو آهيان، ٿڪل ۽ ماندو، جڏهن پٿاريندو آهيان پنهنجو هنڌ هيٺ ڌوڙ ۾، ڇڏ ته مان اهين ٿي محسوس ڪريان ته لنبو سفر اڃا منهنجي اڳيان آهي — شل مان هڪ کن گهڙي به نه ڀلان، ڇڏ ته مان هن ايذا جا احساس مان پنهنجن سپنن ۾ ۽ جاڳرت سمي ۾ پڻ پاڻ وٽ ٿي رکان.

جيڪڏهن منهنجا ڪمرا سجايا سينگاريا ويا آهن ۽ شرنايون وڄي رهيون آهن ۽ شادمانو زور شور سان ٿي رهيو آهي، پر ڇڏ ته مان اهين ٿي محسوس ڪريان ته مان توکي پنهنجي گهر اچڻ لاءِ ڪوٺ ڏني ڪانهي — مان شل پل به نه ڀلان ڇڏ ته مان هن ڪليش جا احساس مان پنهنجن سپنن ۾ ۽ جاڳرت سمي ۾ پڻ پاڻ وٽ ٿي رکان.

(٧٨)

جڏهن ڪائنات اڃا ڪوري هئي ۽ سڀئي ستارا ٽمڪيا پئي پهرين چمڪ ڏمڪ سان، ديوتائن آڪاس ۾ سڀا ڪري پئي ڳايو، ”او پورنتا جو نقش! آنند اڻان ڪٿهن مين ميڪ جي!“

پر ڪنهن اچانڪ چيخ ماري — ”ڏسجي ٿو ته پرڪاش جي لڙهه ۾ ڪٿي مڙاوٽ وئي آهي ۽ ستارن مان هڪ گم ٿي ويو آهي.“

هنن جي سوني تار سرندي جي ٽٽي پئي، هنن جو گانو بند ٿي ويو ۽ هو مونجهاري ۾ رڙيون واڪا ڪرڻ لڳا — ”ها، اهو غائب ٿي ويل ستارو ئي بهترين هئو، اهو سڀني آڪاس جو شان هئو!“

تنهن ڏينهن کان وٺي، هن جي تلاش چالو آهي ۽ پڪار هڪ کان ٻئي تائين چالو آهي ته ”هن جي ڪري سرشٽيءَ هڪ آنند گنوائي ڇڏيو آهي!“

صرف رات جي گهور شانتيءَ ۾، ستارا مشڪندا آهن ۽ پاڻ ۾ پڙ پڙ ڪندا آهن — ”واهيات آهي هيءَ کوج! اڻ ٽٽل پورنتا قائم آهي سڀني جي مٿان!“

(٨١)

گهڻن ئي اڪيلن ڏينهن ۾ مان وڃايل وقت لئي ويلو ر ويندو آهيان، ليڪن ڪا به گهڙي اجائي ڪانه وئي آهي. منهنجا سوامي، منهنجي جيوت جو هر پل تو پنهنجي ئي هٿن ۾ روڪي رکيو آهي.

هر وستوءَ جي هردي ۾ لڪل، تون ٻجن کي ڪاڏ هو راڪ سان سلا ڪري ٿو اڀارين، مکڙين کي گل ڦل ۽ ڦولن کي رچي ٿو ڦلسڦلتا سان.

مان ٿڪل ٿيل ۽ پنهنجي نڪمي بستري تي ليٽيل ۽ اهين ٿي سمجهيم ته سارو ڪم ڪاج لهي چڪو آهي.

صبوح ساڻ جاڳيس ۽ ڏٺم ته منهنجي ڦلواڙي گلن ڦلن جي اڏ پورن سان ڀرجي وئي هئي.

(٨٠)

مان هڪ خزان جي آسمان ۾ بيڪار ڀٽڪندڙ بادل جي ٽڪري جهڙو آهيان، او، منهنجا سورج سدا سوڀيڪ! تنهنجي ڇُهڻ اڃا منهنجي ڪوهيڙي کي ڳاريو ناهي، مونکي تنهنجي پرڪاش ۾ سمائي ڇڏڻ لاءِ، ۽ تنهنڪري آءٌ تنهنجي وڇوڙي جا مهينا ۽ ورهيه پيو ڳڻيندو آهيان.

جيڪڏهن اها ئي آهي تنهنجي ڀاوي، ۽ اگر اهڙ ئي آهي تنهنجي ليلا، ته وٺي ڇڏ مون کان هي منهنجي تيز رفتار واري سڪتائي ۽ رڱيس رنگن سان، سجائيس سون سان، اڏائيس اُنهي قياس هوا ۾ ۽ ڪرائي ڇڏيس عجيب غريب اسرارن ۾.

۽ پوءِ وري جڏهن ته تنهنجي دل ٿئي هن کيل کي رات جو ختم ڪرڻ جي، مان وڃي گم ٿي ويندس اُنڌاري ۾، يا شايد ڪنهن سڀهي ٿورڙ ته صاف صبوح جي مرڪ ۾، شفاف پاڪيزگي جي ٿڌڪار ۾.

(٨٣)

امي، مان پنهنجي ڏکن جي آنسن جي موتين سان تنهنجي ڳلي لاءِ مالها ٺهيندس.

ستارن ۽ پازيب گهڙيا آهن پرڪاش جا، تنهنجي چرڻن کي سينگارڻ لاءِ، ليڪن منهنجي مالها الندي لمندي پئي تنهنجي ڇاتيءَ تي.

دولت ۽ شهرت تو وٽان ٿي عطا ٿين ٿيون ۽ تون ئي آهين جو ڏين ٿو ۽ محروم بہ رکين ٿو. ليڪن هيءُ ڪلوش سراسر منهنجو ۽ منهنجي لاءِ ئي آهي، ۽ جڏهن مان اهو ڪڻي اچي توکي ارداس ڪري ڏيندو آهيان تہ تون مرڪي پنهنجي نوازش سان نوازيندو آهين.

●

اها جدائيءَ جي پيڙا ئي آهي جا ساريءَ سرشٽيءَ ۾ پسري ٿي ۽ ڪري ٿي ارمان اڻڳهار آڪار اننت آڪاس ۾.

اهو جدائيءَ جو ئي درد آهي جو رات ڀر اڪانت ۾ پيو واجهہ وجهي، هڪ ستاري کان ٻئي ستاري ڏانهن ۽ ٿي پوي ٿو ڦڙڪندڙ پن جو هڪ ٿڌو جهولو جهڙي منهوڳي انڌاڪار ۾.

اهو ئي تہ هڪ جهڙو ڪشٽ آهي، جو پريم ۽ واسنائن ۾ گهرو ٿو ٿئي، گرهستي جيون جي ڏکن سکن ۾ ۽ ! اهو ئي آهي جو سدائين موم ٿي وهي ٿو ۽ وهي هلي ٿو سنگيت ٿي منهنجي ڪويءَ جي هردي مان.

(٨٢)

ڪال اننت آهي تنهنجي ٿــي هٿن ۾، منهنجا نائڪ، ڪوئي ڪونهي جو تنهنجون گهڙيون ڳڻي سگهي. ڏينهن ۽ راتيون وهامي وڃن ٿيون ۽ جڳ، جڳ گلن ٿا ۽ ڦولن جيان مرجهائجي وڃن ٿا. تون ئي ڄاڻين انتظار، آهين ته تون اڪال آهين.

تنهنجون صديون پٺيان صديون اچن ۽ وڃن ٿيون، هڪ ننڍڙي جهنگلي گل کي پورنتا ارپيندي.

اسان کي وقت وڃائڻ ڪانهي؛ اسان کي موقعي لاءِ ڌڪا ڌوڏ ڪرڻ گهرجي. اسان ڪنگال ٿـــي اوير ڪرڻ نٿي سجي.

۽ ائين ئي رهيو، اهو سمورو ئي نڪري ٿو وڃي جو مان ڪنهن به سڪ هئڻ ڪري ٿي ڏيئي ڇڏيندو آهيان، جو اهڙي جي هٺ ڪي لوڙ هوندي آهي، ۽ انت ۾ تنهنجو پوڄا استان ڀيٽائن کان واندو ئي ٻڙو هوندو آهي.

ڏينهن پڄاڻي ٿي، مان ڊپ وچان ڊوڙندو اچان آهيان متان دوار بند نه ٿي وڃي!

ليڪن مان ڏسندو آهيان ته اڃا به مهل بچي هوندي آهي.

(٨٥)

معراج ، تنهنجو دوست ، منهنجي پيءَ وٽ اچڻ جو آهي. هو اڄ ساگر پار ڪري ، تنهنجو اولو کڻي منهنجي گهر آيو آهي.

رات اونداهي آهي ۽ منهنجي دل ڏهليل آهي — تنهن هوندي به مان ڏيئو کڻي پنهنجا دروازا کولي ڇڏيندس ۽ جهڪي هن جو سواگت ڪندس. هو تنهنجو قاصد آهي، جو منهنجي در وٽ کڙو آهي.

مان هٿ جوڙي هن جي آسيس ڪندس ۽ ٻڌي آنسن سان مان هن جي پوڄا ڪندس ، پنهنجي دل جي دولت هن جي چرنن ۾ اربيندي.

هو واپس ويندو ۽ ڇڏيندو پنهنجو ڏانهو ڏئي، منهنجي صبح واري معان سياهه ڇانو ڇڏي ۽ منهنجي اڪيلي گهر ۾ فقط مان ئي هڪ لاچار پيو هوندس ، تنهنجي لاءِ هڪ آخري سوغات.

(٨۴)

جڏهن هي جنگي جوڌا پنهنجي سپه سالار جي ڪمري مان ٻاهر نڪري ٻاهر آيا، ته ڪٿي ڇپايو هٿيارن پنهنجو ٻل؟ ڪٿي هئي هنن جي زره ۽ هٿيار پهريا؟

هو ٿڪي لڳا هئا ۽ بي همت، ۽ ٻاڙ ٿي وسيا اکين جي مثال، اهي ئي ذهن جڏهن هو پنهنجي سردار جي ڪمري مان نڪتا هئا.

جوڌا جوان جڏهن وري پنهنجي سپهدار جي ڪمري ۾ واپس اندر گهڙيا ته ڪٿي ڇپائي هٿيارن لڏهن پنهنجي شڪتي ؟

هن ڪٿي ڪري جڏهن هٿي پنهنجي تلوار ۽ اٺي چڙهيو هٿ ذاتي ۽ ٻاڙ، سنتوش ٿي بکيو اکين جي مستڪ لئي ؟ هو ٺاهي ڪري آيا هتا پنهنجون جهون سگهارئون، اهي ئي ذهن کي جڏهن هو وري موٽي پنهنجي سپه سالار جي ڪمري ۾ واپس اندر گهڙيا.

(٨٧)

ڪٿي هو مندر جو ناڪر! ويٺا جـون ٽٽل ٽارون تنهنجي آستي هاٿي وڏاڪ ٽٽيون ڳائن.

گهٽي ۾ شام جو تنهنجي پوڄا جي سمي جي سوچنا ڏنا ڏين. واٽو اڄ تنهنجي باري ۾ شانت ۽ خاموش آهي.

تنهنجي اڄ ڪي ۾ رمتي هٿر اچي رهي آهي. اها آئي ٽي گلن ڦلن جا سنها — اهي گل ڦل جي تنهنجي پوڄا لاء وڏاڪ پمت ٿيندا ٿي ڪونه.

تنهنجو جهوار پوڄاري پيو ٿڪي، انهيءَ ڪندا سان ڪ من انڪار ڪيل نوازش ٿي وڃي. تماشام جو، جڏهن مهل شولا ۽ پاشا ڏڏڙ جي ڏنڌلي سان ملي ويندا آهن، تڏهن هو ٽڪجي پوئين پهر موٽندو آهي، انهيءَ وٽان مندر ۾ ڪيءَ آئما سان.

ڪيترائي ڏڏڻ جا ڏينهن شانتيءَ ۾ تنهنجي ڪري ايندا آهن، اڄ مندر جي مورلي، گهٽيون ٽي واليون پوڄا جون وهامي ويندون آهن ٻيا ڏاڏي رمت جڙهڻ جي.

ڪيترائون ئي ليون مورليون حرڪتي ڪلا جا ڪلاڪار ڪو ويندا آهن ۽ مهل سر نيندا آهن پوٽر نهر اکر الار ذي.

صرف پڙ پالڪ ٿيل مندر ۾ ئي ناڪر رهندو آهي، پهان ڪڏهن ۽ پوڄا جي اڪال غمرمت سان.

(٨٦)

نراش آشا سان رڇي، ڳوليان ٿو هن کي منهنجي
ڪمري جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، ليڪن ڪٿي لهي ٿو سگهان.
منهنجو مڪان ننڍڙو آهي ۽ انهيءَ مان ڪجھ به ڪٿي
ويو نه موٽي وري واپس هٿ نه ايندو.

ليڪن اٿاهه آهي تنهنجي عمارت، منهنجا مالڪ، ۽
هن کي ڳوليندي ڳوليندي اچي تنهنجي در وٽ پهتو آهيان.
مان کڙو آهيان تنهنجي شام جي گگن جي سونهري
ڇٽ هيٺان ۽ مان پنهنجا تاتڙا اکيون کڻي تنهنجو مکڙو
تڪيان.

مان اچي رسيو آهيان انتها جي وٽ تي، جتان ڪجھ
به الوپ ٿي نٿو سگهي — نه آشا نه آنند، نه نه ڪو ڳوڙهن
ڳاڙيندڙ مهانڊي جو نظارو ئي نظر ايندو.

اڙي، منهنجي سڃيءَ جيون کي انهيءَ مها ساگر ۾
ٻوڙ، اڇلائي ڪٿي ڪنهن انهيءَ پورنتا جي عميقيءَ ۾.

جيئن نه مان هڪ ڀيرو ٿي محسوس ڪريان اهو کوهيل
مڌر سپرش پرڪرتيءَ جي سمپورنتا جو.

(٨٩)

جڏهن ڏينهن نہ، مرڻو اچي تنهنجو در کڙڪائيندو، تہ تون ڪهس ڀلا ڇا آڇيندين؟

آه، مان پنهنجي مهمان جي سامهون ڪٺي ڏيندس پنهنجي جيون جو ڀريو پيالو — مان هرگز هن کي خالي هٿين واپس موٽي وڃڻ ڏيندس ڪي ڪرڻ.

زندگيءَ ڀر جون سموريون مٺو مڌرس ۽ رسال منهنجي خزان ڏينهن ۽ اونهاري جي راتين جون، ساريون ميڙيون چونڊيون، مان ڪٺي رکندس هن جي اڳيان، پنهنجي سڄي ساميءَ ويلي، جڏهن مرڻو اچي منهنجو در کڙڪائيندو.

(٨٨)

هاڻي مان نه ڪندس نه رڙاوڻ ۽ نه واڪا — اهڙي آهي منهنجي مالڪ جي مرضي. هن کانپوءِ مان ڳالهائيندس سس پس ۾. منهنجي دل جي داستان جو اظهار ٿيندو گيت جي گنگنائڻ ۾.

لوڪ ته سڀئون ٻر ٻندا پيا وڃن راجمحليءَ ڏانهن. سڀئي خريدار ۽ فروخت‌دار اُتي آيل آهن، ليڪن گهڙي ڪمي هوندي ته، موڪلي ملي آهي ٻنپهرن جو منجهند جي ڪم‌ڪار ۾ موڪل.

ڀلي ته گل ڦل ڦُٽن منهنجي باغيچي ۾، جيتوڻيڪ اُوا الهن لاءِ هاڻي ناڻو لي ڪرلهي ؛

۽ ڀلي ته ٻلاشڪ ماکيءَ جون مکيون ڪن سڪتي ٻڙُن ٻڙُن ڪيترا سارا پهر گهڻا گهاريا اٿم ڀلائيءَ ۽ برائيءَ جي ڪشمڪش ۾، پر هاڻي منهنجي ساٿي ڏکاريءَ جي سنگ تي آهي اُٻاٽڪائيءَ واري سهي ۾، منهنجي هردي کي پاڻ ڏانهن ڪڇڻ جي، ۽ مان نه سمجهان ٿي نڪو ته هيءَ اوچتي ڪوڙ ڪجهيءَ بيڪاريءَ لاءِ چو تي رهي آهي !

(٩١)

جاڳان ٿو ته اڄو ڏينهن به اوس اهڙو جو هيءَ پراڻي منهنجي نگاهن کان غائب ٿي ويندي ۽ منهنجي اکين لئي الڪ پڙدو وجهي جيئن ڪندي ودائي شانتيءَ ۾.

ڏٺم ته ستارا پيا ٽمڪندا رات جو ۽ صبوح ٿيندو رهندو روز مره وانگيان ۽ ساعتون پيون سهڪنديون ساگر جي لهرن جي خوشيءَ ۽ غم ۾ لڙڪندڙ جيان.

جڏهن مان پنهنجي اندر گهڙي پيو سوچيندو آهيان، ته گهڙيان جيئن رانديڪن ٿيون وينديون آهن ۽ پوءِ مرليءَ پرڪاش ۾ پسندو آهيان پنهنجي سرشٽي پرڪار ڪڙائن سميت. ڏٺي ته ڪرٽهي ڪو لهج استان، ڪٿي ته ڪوڪهي ڪو ڏميٽر انسان.

چيزون جن لاءِ مان اڃا تو ٿڙڪندو هوس ۽ وسعو جنڪي پراڻت ڪيم، سي سڀ ڏر گذر ٿي ويون. شل مان اهي ٿي سنيه وسعو پيڙ پان، جنڪي هيل ٽانهن پئي لوڏيون اٿم ۽ نظر انداز ڪيون اٿم.

(٩٠)

او، اوهان منهنجي جيون جي آخرين سڦلتا، مرتيو، منهنجي انت، اچ ۽ مون سان اچي ڪن ۾ ڳالهيون ڪر! ڏينهون ڏينهن، مان پئي تنهنجو اوسيئڙو ڪيو آهي، تنهنجي لاءِ ئي پئي جيون جي ڏکن سکن جو انڀو ڪيو اٿم.

جو ڪجهه به آهيان، جو ڪجهه به اٿم، جيڪي به آشائون اٿم ۽ منهنجو سمورو پيار، سڀ ڪجهه لڪ ڇپ جي لهن ۾ هميشه تو ڏانهن پئي اوليا اٿم. تنهنجي نيڻن جي هڪ ئي اتم نگاهه سان، منهنجي جيون هميشه لاءِ تنهنجي هود پنهنجي ئي ٿي چڪي آهي.

گل پوکجي ويا آهن ۽ ڦول مالها تيار آهي گهوٽ واڄا لاءِ. لاڱن لهڻ بعد، ڪنوار پنهنجا پيڪا ڇڏي، اڪيلي رهي ملندي پنهنجي سواميءَ سان، رات جي اڪانت ۾.

(٩٣)

هن وداعي جي رخ ۾، منهنجا ڀائرو! موڪلائي آشيرواد ڏيو. آسمان پرڀات ڦٽيءَ سان رنگجي ويو آهي ۽ منهنجي راه سهاڻي آهي. اهو نه پڇجو ته اتان جي لاءِ پاڻ سان ڀلا ڇا کڻو الم. مان پنهنجي مسافري شروع ٿو ڪريان هٿين خالي ۽ آسائتيءَ دل سان.

مان پائيندس پنهنجي وواه ڦرل مالها. منهنجو لباس ڪنهن پانڌيءَ وارو ڳاڙهو - پيرو ڪونهي؛ جيتوڻيڪ رستي ۾ خوف خطرا آهن، ته به منهنجيءَ دل ۾ ڪو به هراس ڪونهي.

سنڌيا جو ستارو ڪڙندو، جڏهن منهنجي پانڌا پوري ٿيندي ۽ سور ڀرپال آلاپ شفق جي شعاع جو سنگيت لئي راج دئار لنگهه مان ٻرار ٿيندا.

(٩٣)

مون کي موڪل ملي وئي آهي. مون سان موڪلائي ڪريو، منهنجا ڀائرو! مان اوهان سڀني کي نمسڪار ٿو ڪريان ۽ هاڻي مان هلان ٿو.

اجهو، منهنجي دروازي جون چاٻيون اهي جي موٽايان ٿو ـــ ۽ مان پنهنجي گهر جا سڀ حق ترڪ ٿو ڪريان. مان صرف طلبيان ٿو آخر ۾ اوهان کان قرب وارا ٻول.

اسان گهڻو عرصو تائين پاڙيسري هئاسين، ليڪن ڏئي سگهڻ کان اڌڪ ورتو ئي اٿم. هاڻي ڏينهن ڏ ٿو ٿيو آهي ۽ ڏيئڪ جنهن منهنجي ڪنڊ ڪڙڇ روشن ڪئي هئي، سو گل ٿي چڪو آهي. سڏ به اچي ويو آهي ۽ مان پنهنجي سفر لاءِ سنبت ڪئي آهي.

(٩٥)

جڏهن ته مان هتان هلڻو ٿو وڃان، ته هيءَ منهنجي وداعيءَ سمي جو سخن آهي ته جيڪي ڪجهه ڏٺو اٿم سو بينظير آهي.

مان چکي آهي اڻکل مڌر رس هن ڪنول جي، جو مها ساگر جي مٿان پرڪاش ۾ ڦهلجي ويو آهي، ۽ انهن ڪري ئي مان سڀاڳو آهيان — اهو ئي آهي منهنجي وداعيءَ سمي جو سخن.

هن انيڪ روپن واري رنڊ گاهه ۾، مان به پنهنجا کيل ڪيا ۽ هتي ئي مان هن جو ديدار ڪيو جو نرآڪار آهي.

منهنجو سارو سرير ۽ منهنجا انگ لرزش ۾ اچي ويا هن جي ڇهاءَ سان جو پاڻ اسپرش کان دور آهي؛ ۽ اگر انت هتي ئي اچڻي آهي ته اچڻ ڏيس — اهو آهي منهنجي وداعي سمي جو سخن.

(٩٤)

موڪلائي ٻاڻ سمڪ لي ڪانه ٿيڻي ته ڪهڙيءَ مهل ٻهراڻون ٻهرو مان هن جهرت جي چانٽ اورالڳوي هيءَ.

ڪهڙي هيءَ اها شڪتي جنهن هيءَ اڪر اڀار اُجهه منهنجي هٿان ڦرلايو، اڄ رات جو هڪ جهنگل جي مڪڙيءَ وانگر!

صبوح ساڻ، جڏهن مان روشنيءَ لي نگاهه وڌي ته ڪن ڀل ۾ محسوس ڪيم ته هن سنسار ۾ ڪو اجنبي ڪونه هوس ۽ هڪ اڻاڻڪا اڳوڻو اگم روپ واري منهنجي ماتا سروپ ۾ پنهنجيءَ ڳي گود ۾ کڻي ورتو هئو.

وري به مرڻو مهل اهو اجنبي روپ ايندو جو منهنجو سدائين جاڻل سڃاڻل آهي، ۽ جاڻان ٿو ته موڪلي پنهنجيءَ جيون سان موهه آهي ته اها جاڻ اٿم ته موڪلي موت سان ٻي محبت آهي.

ٻالڪ جهت رڙ شروع ڪندو آهي جڏهن وقت ماڻس پنهنجي اُر هه جو ساڄو ٿڃ ڇڏائيندي آهي، ليڪن هڪدم ٻيءَ کهڙيءَ کاٻي ٿڃ مان ڪي ڪرس سنتوش ملي ويندو آهي.

(٩٧)

مان سينگاريندس توکي، پنهنجي شڪستن جي ڦول مالهائن سان ۽ انعامن اڪرامن سان. اهو منهنجي وس ۾ ڪونهي ته مان ڪو اڻجيت ٿي هتان ڀڄي سگهان.

مان خاطريءَ سان ڄاڻان ٿو ته منهنجو هٺ وڃي ديوار سان ٽڪرجندو، منهنجي جيون ڦاٽي وڃي ازحد ايذا جي ٻنڌڻن ۾ ڦاسندي، ۽ منهنجي اُجڙ دل پوري ڪاني جي سنگيت وانگر سڏڪا ڀريندي ۽ پٿر آنسون ٿي پگهرجي ويندو.

مونکي خاطريءَ سان ڄاڻ آهي ته ڪنول ڦول جا هڪ سؤ پن سدائين ٻوٽيل نه رهندا ۽ هن جي مک جو ڳجهو ڳڀ کلي ظاهر ٿي پوندو.

نيري آڪاس مان هڪ درشٽي مونکي تڪيندي ۽ شانتيءَ ۾ ڪڙڪندي. منهنجي لاءِ ڪجهه به نه بچندو، بلڪل ڪجهه به نه، ۽ تنهنجي پيرن ۾ مان مڪمل موت جو سواگت ڪندس.

(٩٦)

جڏهن مان تو سان راند ڪندو هوس، تڏهن مان ڪڏهن پڇيو ئي ڪونه ته تون آهين ڪير. منهنجي اڪا ڪا لڄ نه ٿي ٿي ۽ نه ڪو ڀؤ، منهنجي زندگي ٿي هئي گهمسائي.

صبوح جو سويلي تون منهنجي ساٿيءَ وانگر ننڊ مان اٿاريندو آهين ۽ ٻيلي ٻيلي ڊوڙائيندو آهين هڪ کاهيءَ کان ٻيءَ کاهيءَ تائين.

انهيءَ سمي، مان ڪڏهن به پرواه نه ٿي ڪئي ڪئي گيتن جي مطلب ڄاڻڻ جي، جيڪي تون منهنجي ڳالهه ٻڌائيندو هئين. رڳو منهنجو آواز تنهنجا سر جهٽي وٺندو هئو ۽ منهنجو هردو انهن جي لهرن ۾ چڙهندو ۽ لاهن ڏي لهندو هئو.

هاڻي جڏهن کيل جو سمو پورو ٿيو آهي، هيءَ ڪهڙي اوچتي گهٽنا آهي جا اڄ منهنجي اکين اڳيان آئي آهي.

ڪائنات تنهنجي چرنن ۾ نيڻ نگاهن سان کڙي آهي عالم، پنهنجن خاموش ستارن سميت.

(٩٩)

مان اونهون ڀيرون هڻندو آهيان آڪارن جي مهاساگر جي عميقيءَ ۾، انهيءَ آشا سان ته من نرآڪار جو پورنتا جو موتي ملي وڃي.

طوفانن جي هن جهرجهل ٻيڙيءَ ۾، هڪ بندرگاهه کان ٻئي بندرگاهه تائين وڃڻ جو سفر ڪرڻ هاڻي بند ٿيو.

ڪافي عرصو ٿيو جو منهنجو ڇولين مٿان ڇلندي ٽپڻ جو سمو گذري چڪو آهي ۽ هاڻي منتظر آهيان مرڻ لاءِ جو امر آهي.

ديوان ملاقات ۾ اسمت کاهيءَ ۾ جتي بي سُر آواز جي ساز مان سنگيت گونججي ٿو، اُتي مان ڀي منهنجو جيون تنبورو کڻي ويندس.

هن جي آواز کي انت سُرن سان ملائيندس ۽ جڏهن هو سوز جا سڏڪا ڀري، آخرين آهه ڀريندو، تڏهن مان منهنجو شانت سريلو شانتيءَ جي چرڻن ۾ ئي ٻيهت رکندس.

(٩٨)

جڏهن مان سڪان ڇڏي ڏيندو آهيان، تڏهن سمجهه هوندي اگر نه ويل آئي آهي نه الهيءَ کي تون ٿي سنڀال. ڪجهه به ڪرڻو آهي نه سڀ تنهنجي ئي ويندو. اجائي آهي هيءَ هٽ هٽ.

پوءِ تون انهيءَ هٿ ڪري ڇڏ ۽ سالڪيءَ ۾ مڃ پنهنجي هار، منهنجا من، ۽ اها به خوشنصيبي سمجهه جو جيڪي انهيءَ اسڪابيءَ ٿي آهي، اهي ٿي اها تون سڦلتا سان ادا ڪيان آهين.

هي منهنجا ڏيپ هر هڪ هوا جي جهوتڪي سان گل ٿي وڃن ٿا ۽ انهن کي ٻارڻ جي ڪوشش ڪندي مون لکان ور ور ٻيو سڀڪجهه وسري ٿو وڃي.

ليڪن هن ڀيري سمجهان ٿو ۽ اونداهيءَ ۾ نوس ويهندس، پٽ ۾ ٿڌو ويهاڻو ۽ جڏهن به انهيءَ اچا ٿئي، منهنجا ناٿ، نه ايءَ اندر ٿي خاموش اچ ۽ اچي هتي ويهه.

(١٠١)

مان لوڪ سان ڳالهه ڪندي هئي ته مان لوڪي ڇاڳان سڃاڻان ٿو. هو ٻنهي ٻارن جي ڪارنامن ۾ ڏسن ٿا. هو ايندا آهن ۽ مونکان پڇندا آهن ته ''هيءَ اهي ڪير؟'' مان منجهي پوندو آهيان ته هنن کي ڪهڙو ورانيان. آءٌ ورائيندو آهيان، ''سڀ ٻچ ته ٻڌائي ٿي تڏهن سمجهان.'' هو مون کي ڏوراپا ڏيندا آهن ۽ وري رڃهي هليا ويندا آهن.

ٻنهي جون ڪتابون مان پڙهن امر ڪيئن ۾ سمجهائيندو آهيان. ڪجهه پوءِ منهنجي هٿن اندران پرچي نڪرندا آهن اهي ايندا آهن ۽ مونکان پڇندا آهن، ''اسان کي پڙهڻو سمورو ارٿ سمجهاءِ.'' مان منجهي پوندو آهيان ته هنن کي ڪهڙي ورندي ڏيان. مان الر ڏيندو آهيان، ''اف، ڪير ٿو ڄاڻي ته هنن جو مطلب ڪهڙو آهي!''

هو مشڪندا آهن ۽ ڏاڍيءَ حقارت مان هليا ويندا آهن ۽ تون ويهي پيو مرڪندو آهين.

(١٠٠)

سدائين مان ٿي لڙکي لوچيو آهي پنهنجي جيون ۾، پنهنجن گيتن سان. اهي ئي ته هئا جن مون کي هڪ در تان ٻئي در ڏانهن ٿي گهمايو ۽ انهن جي سنگ ۾ ئي مونکي پنهنجي باري ۾ احساس ٿيو آهي، لوچيندي محسوس ڪندي پنهنجي جڳت کي.

اهي منهنجا ئي گيت آهن جن مونکي گيان ڏنو جو سموري سکيا پراسرار؛ انهن مون کي گپت مارگ ڏيکاريا، انهن منهنجي اکين اڳيان آندا انيڪ ستارا منهنجي هردي جي سطح تي.

سارو ڏينهن انهن ٿي رهنمائي ڪئي منهنجي خوشيء ۽ غم ڀريل سنسار جي ڳجهن جي، ۽ آخر، نماشام جو سفر جي انت ۾ ڪهڙي محل جي دروازي وٽ وٺي آيا آهن مونکي؟

With compliments from :

Vaps Lbaoratories

Manufacturers of :

THE PHARMACEUTICAL PRODUCTS
INSECTICIDE AND DISINFECTANTS

Factory ;
ULHASNAGAR-1
Phone: 232

Office :
20, Lokmanya Tilak Marg.
BOMBAY-3.

With best compliments from :

M/s. AARAM

GADI KARKHANA
STEEL FURNITURE WORKS

All Kinds of Steel Furniture

1119, Opp. Bank of India, Ulhasnagar-3
Phone : 157, Resi :. 543

(١٠٣)

توکي هڪڙي ئي ڏنڊوت سان، منهنجا ڀڳوان، ڀلي ته منهنجا سمورا حواس ڦهلجي وڃن ۽ ڇهن هن ڪائنات کي تنهنجي چرنن وٽ.

جئن جولاءِ جو برساتي بادل هيٺ نميل هوندو آهي اڻ وسايل بارش جي بوجهه سان، تئن شل منهنجو من به نوڙي تنهنجي دئار لئي، تنهنجي اڳيان هڪڙي ئي نمسڪار ۾.

شل منهنجا سمورا گيت ڪٺا ٿين، انهن جا نرالا سر سرگم سنگم ئي هڪ ئي وهڪرو ٿي پوي ۽ شانتي ساگر ۾ وهي وڃي پوي، تنهنجي اڳيان هڪڙي ئي نمسڪار ۾.

آشياني جي سڪايل هنجن جي جهڳ وانگر، ڏينهن رات اڏامي واپس پنهنجي پهاڙي آجهن ڏانهن واپس وريندا آهن، ساڳيءَ طرح شل منهنجي جيون به سفر طئه ڪري هلي پنهنجي ابدي استان لئي، تنهنجي اڳيان هڪڙي ئي نمسڪار ۾.

GOPE SIDHWA, B.A., S.L.C., DMIE.,
Special Executive Magistrate,
14/133 Govt. Colony,
KHAR, BOMBAY-400 052.

WITH BEST COMPLIMENTS FROM :

DELUXE & CO.

Decorative & Commercial Plywood, Formica Decorative Daminate, Hardboard, Glue, Delux Flush Doors & Interior Decorators

Shop No 6, Kings Bldgs, Dr. Ambedkar Road,
Pa el, BOMBAY-12 Phone : 443939
Furniture Bazar, Ulhasnagar-2.

Phones : Shop 443 Resi 446

With best compliments from

MAHARASHTRA CONSTRUCTION CO.

Contractors :

ON APPROVED LIST OF R&C DEPT.
GOVT. OF MAHARASHTRA

Suppliers of

Machinery on Hire Basis Required For Roads & Bldgs.

780, Sec. 17. Ulhasnagar-3 (Maharashtra) Phone: 170

INDIA'S BEST & TASTY

Shankar's

QUALITY PICKLES & CHUTNEY'S

Manufacturers & Exporters :

Shankar Pickle Products

Plot No. 564, Ulhasnagar-4. Phone : 5 2 1

WITH BEST COMPLIMENTS FROM :

Shri Udharam Ahuja

Advocate, High Court Bombay
President, Ulhasnagar Municipal Council
President Journalist Association Ulhasnagar.
President Bar Association, Ulhasnagar

MEMBER, MPCC.(R)

Bull Bush Bunglow, Ulhasnagar-3. Tel, 331

ALWAYS ASK FOR
Shri Krishna & Amar Deep Prints
Sarees & Voil Sarees

Prakash Saree Centre

Shri Krishna Prints Amar Deep Prints
Dealers : Rajkot, Jetpur & Voil Printed Sarees
122, Vithalwadi, Shop No. 6, Kalbadevi Road,
Bombay-2

With Best Compliments From

R. S. Sitaldas & Sons

BOMBAY.

Proprietors of;

G. M. LABORATORIES (INDIA),

Manufacturers of Pharmaceutical Products

Ulhasnagar-4,

Sales Depot : 125, Princess Street. Bombay 400 002
Telephone : 315692
Factory : 12-13, Industrial Estate, Ulhasnagar-421004
Telephone : 211
Regd, Office : 216, Carnac Road, Bombry 400 002

WITH BEST COMPLIMENTS FROM :

L. C. Khilani

B.SC., (ENGG)M.I.E.

Khilani Construction

Company Private Limited

P. 214, Maniektolla CIT Scheme VI (M)

CALCUTTA 54

Gram: ELCEECRO Phone : 351326

With Compliments from

CONTACT

B.R. Herman & Mohatta

[India] Private Limited

ULHASNAGAR-1. (Tel, 34)

For

Structural Engineers, Cast Iron Founders, Re-Rollers Weighing Machine Manufacturers. Steel Castings & Ingot Processings Set, Specialists Forgings, Bright Bars and Twisted Bars

Head Office:
Musafa Bldg., Sir P. M. Road,
BOMBAY-1
Telephone No. 269145-46
Grams: 'ENLARGE'

Factory :
Murbad Road.
ULHASNAGAR-1.
(Kalyan)
Tele : 34

WITH BEST COMPLIMENTS FROM:

Girdhar Construction Co.

BUILDERS AND ROAD CONTRACTORS

Shop No. 779, Section 17, Ulhasnagar-3
[Bombay]
PHONE: 559

With Compliments from

Telephone : 665

Kishinchand B. Bakhtiani

Govt. Contractors & Licensed Plumbers

Shop : 5A, Ration Office, ULHASNAGAR-2
Residence : Bk. 836, Room 2, ULHASNAGAR-2,

اسان وٽان AC.GI.CI. پائيپ لائين، واش بيسين، فلش ٽانڪا،
ڊبليو سي سيفٽي ٽانڪا، ريپيئرنگ ۽ نوان ڪنيڪشن
وغيره جو ڪم نهايت سستو ۽ واجبي اگهه ملندو.

With Best Compliments From

Kit—Kat Power Laundry

Dyers, Darners, Dry Cleaners & Printers

424, Paramount Cinema, Ulhasnagar-3. (Dist. Thana)

Phone: C/o 528

LUCKY ROLLING SHUTTERS



MANUFACTURED BY

LUCKY STEEL FURNITURE WORKS

106. SHANKER ROAD, ULHASNAGAR-3

PROP. GEHIMAL H. KARIA

مالڪ: گهمي مل . ايڇ . ڪاريه

Tel. No.

Off. 527

Fac. 21

Always ask for:

SONICA

SULPHER SOAP

&

SONICA

CARBOLIC SOAPS

Approved by millions, Doctors, & Chemists Choice for full details contact Our Sales Organiser

M/s. S. P. AGENCIES

837, Shastri Colony, ULHASNAGAR-3. (Thana) Bombay.

FHONE; 562

With Compliments from

CENTURY RAYON

SHAHAD POST OFFICE
MURBAD ROAD, ULHASNAGAR -1.

92

NEW DEAL FOR COMMON MAN

This is the 20 point economic programme announced by the Prime Minister, Smt. Iadira Gandhi, to regain the nation's spirit of adventure.

Let us get on with the job with determination

Streamlining production procurement and distribution of essential commodities to bring down their prices Economy in Govt. Expenditure

2. Vigorous implementation of agricultural land ceilings laws

3. Provision of house-sites for landless and weaker sections.

4. Abolilion of bonded labour

5. Liquidation of rural indebtedness and moratorium on recovery of debt from the landless.

6. Review of laws on minimum agricutural wages.

7. Bringing additional five million hectares land under irrigation.

8. Accelerated power programme,

9 New development plan for handloom sector

10. Imrovement in quality of people's cloth

11. Socialisation of urban and urbanisable land

12 Special squads for valuation of conspicuous construction and prevention of tax evasioa.

13. Special legislation for coa nfiscation of smugglers' pro-properties:

I3. Libralisation of licensin procedures, Action against misusc of import licences

New schemes for workers' participation in industry.

16. National permits for road transport.

17. Minimum exemption limit for income tax raised from Rs. 6000 to Rs. 8000.

18. Essential commodities at controlled prices to students in hostels.

19. Books and stationery at controlled prices.

20. New apprentice scheme to enlarge employment and training especially of weaker sections,

SPACE DONATED BY :

All India Sindhi Panchayat Federation

BOMBAY

LICENSE No. 16
APRIL 1976

Licenced to post without Prepayment
Reg. No. MH 745 THA-8

ANNUAL ISSUE 1976

SINDHI TIMES

(Registered as a Newspaper in India No. 6878/62)

سنڌي ٽائيمس

ڪير
پڙهندا آهن ؟
لکين ..
۽ ٻيا هزارين توهان جهڙا
سڄي هندستان ۾
سنڌي ٽائيمس
پڙهندڙن گڏرال
ڏهن سالن کان وٺي
سنڌي ٽائيمس
اڄ جي
عادت ٿي چڪي آهي.

Edited. Printed & Published by ARJUN PUNJABI for the Sindhi Times Publication, Printed at ASHOK PRESS, Ulhasnagar-3
Published from 57, Agiary Lane, Fort, BOMBAY.